


چونڊ ۽ ترتيب: پارو چاولا

سنڌي سنگيتڪار سي. اَرجن

جي ياد ۾

چونڊ

سنڌي

ڪلام

۽

ڏوهيڙا

چونڊ ۽ ترتيب: پارو چاولا

فهرست

چونڊ سنڌي ڪلام ۽ ڏوهيڙا

چونڊ ۽ ترتيب: پارو چاولا

ڪاپيون: هڪ هزار

قيمت: چاليهه رپيا

ڪوَر شري رام لالچنداڻي

Published by : Mrs. Paroo Chawla,
13-B/3, Jethi Bahen Colony,
Mori Road, Mahim, Bomby-400016.
Phones: 458588-464146

Printed at:
Sindhu Art Printers,
Rusi Mehta Industrial Building,
3rd Floor, Jairajbhai Lane,
R. S. Nimbkar Marg, Bombay-400008
Phone: 3092291

مهاڳ

ميران جو هڪ ڀڄن آهي:

"لالي ديکن مَين چلي - مَين ڀي هو گئي لعل."

ٻارو چاولا ڪلام ڳائيندڙ ۽ ڏوهيڙا ڏيندڙ رام پنجواڻيءَ جي چونڪين لئي ويندي هُئي. سنگ جو پرسنگ اَهڙو لڳس جو نه رڳو پاڻ ڪلام ڳائي وچ وچ ۾ ڏوهيڙا ڏيڻ لڳي پر ڪلام رچڻ به لڳي!

سنڌ ۾ هندن ۽ مسلمان تهذيب جي فضا ۾ زال ذات شعر رچڻ لاءِ قلم ئي نه کڻندي هئي! جتي دکن هندستان ۾ آنڊيال، ڪشمير ۾ لَلا، راجستان ۾ ميران، مهاراشٽرا ۾ سکوباني ڀڳتي-گيت رچي اَمر ٿي ويون آهن، اُتي سنڌ ۾ زالن چپ به نه چوريو آهي!

ورهاڱي کان پوءِ پڻ شروعاتي وقت زالن مضمون، ڪهاڻيون ناول ۽ ناٽڪ لئي ته قلم هلايو مگر شعر رچڻ لئي همت ئي نه هلايائون! ڌيري ڌيري هنن ٻٽڪڻ شروع ڪيو. ڪلا پرڪاش "ممتا جون لهرون" لکي شروعات ڪئي. ان ڪتاب ۾ شعر ڪيترن پر شاعرائڻا ويچار ۽ شاعرائڻا جملا آهن. اُن بعد مون "ڀارت جي استري" ڪتاب ۾ پهرين صفحن ۾ پنهنجيءَ دل جا اُدما درج ڪيا. سندري اُتمچنداڻي پڻ ڪٿي ڪٿي ڌيمي آواز ۾ ٻٽڪيو.

ڳايا وڃن ٿا. ورهاڱي بعد پروفيسر رام پنجواڻيءَ
ڇولڪيءَ کي جيئاريو، زنده رکيو ۽ پرسڌ ڪيو. ان
ڪري اَڄ گهڻيئي ٽوليون ڇولڪيون وڄائين ٿيون.

پر ڳائيندڙن کي ڏوهيڙا ياد نه ٿا پون ته، مڙيوئي
هِتان هُتان ڪجهه ياد ڪيل ڪري ٿا ڳائين. سچ پچ
ته جيڪو ڪلام پيو ڳائجي اُن سان ٺهڪندڙ ڏوهيڙو
ئي چوڻ گهرجي.

پارو چاولا هن ڪتاب "چونڊ سنڌي ڪلام ۽
ڏوهيڙا" ۾ جهجها ڏوهيڙا ميسر ڪري ڏنا آهن ۽
اُنهنجي ترتيب اَهڙيءَ طرح رکي اٿس جو هر هڪ
صفحي تي هڪ خاص ۽ مخصوص وشيه تي ئي
ڏوهيڙن جو نمونو ڏنل آهي. مثلا صفحي ٻٽيهين تي
"ملڻ لاءِ تڙپ" تي ئي ڏوهيڙا آهن صفحي ڇوٽيهين
تي "محبوب سان ملڻ جي طريقي" بابت ئي ڏوهيڙا
آهن.

نه رڳو ايترو پر ڏوهيڙن جي سامهون ئي ٻئي
صفحي تي ان ساڳي وشيه تي ئي ڪلام ڏنل آهن.
يعني نه ڪو ڪلام ڳائڻ شروع ڪري ته وچ وچ ۾
هو پارٽي يا ڇولڪيءَ جي اسٽيج تي ويٺل ٻيو ڪو
ڳائڻو اُن ڪلام سان ٺهڪندڙ ئي ڏوهيڙو ڏئي. ائين
اُن وقت منجهڻ بدران اُن ئي صفحي کي کولڻو پوي
سڀني ڳائيندڙن کي ۽ ٻڌندڙن کي ٻڻ وڌڙي واري

هاڻي ته رڪمڻي چئناڻي، پارو چاولا، رينا شهاڻي ۽ پوپٽي هيرانندڻي باقاعدي شاعرائون ليکجن ٿيون. وقت هو جڏهن سنڌي زال غزل پڙهڻ لاءِ به مشاعرن ۾ شريڪ نه ٿيندي هئي پر هاڻ رڪمڻي چئناڻي باقاعدي غزل رچي ٿي ۽ غزلن جا مجموعا ڇپائي ٿي! پارو چاولا پنهنجا گيت ۽ ڪلام رچي به ۽ ڳائي به ٿي. جهوليلعل جي پوڄا ڪندي هوءَ چوي ٿي:-

جهرمر جوت جندل جي جرڪي ٿي چوڏار
جيڏانهن ڪريان نظر ليڏانهن ٿئي ديدار
مؤجي مٺو منڌار، وسي ٿو ڪڻ ڪڻ ۾!

ٻئي هنڌ چوي ٿي:-

دولهه جي در جيڪو آيو
پاڪ پلو ٿيو، تنهنجو سوايو

اِئين پارو چؤنڪين ۾ ڳائڻ جهڙا ڪلام ۽ ڏوهيڙا جوڙي ٿي.

چؤنڪي حقيقت ۾ قواليءَ جو ئي هڪ روپ آهي
اصل اصل ۾ قواليءَ ۾ پرماتما جي ساراهه ۽ هنڪ
پرارٿنا ڪئي ويندي هئي. هاڻ به قوالي شروع ٿ
ته پهرين ايشور جي ثنا ۾ ئي ڪلام ڳايو ويندو آه
پر پوءِ قواليءَ جو روپ بدلجي ويو آهي ۽ آ
دنياداري ڪلام ۽ غزل پڻ ڳايا وڃن ٿا.

چؤنڪيءَ ۾ صرف ڀڄن- نما ڪلام يا صوفي

هن ڪتاب ۾ گهڻو بدل ڏوهيڙا ۽ ڪلام، جهڙوڪ

ڪيڏو مست پرين جي ڪنهن ناز مونکي
وسريو روزو ناهي ياد نماز مونکي

سچل

يا

ايڪ قصر در لکه، ڪوڙين ڪٽس گرکيون
جيڏانهن ڪريان پرکه، تيڏانهن صاحب سامهون

يا

تيڏا مڪان واهه، جت ڪٿ وسين تون

— آغا

آهن ته ڪي ناياب ۽ ورلي ڪن ۾ گهڻندڙ ڪلام ۽ ڏوهيڙا جهڙوڪ:-

تن تسبيح من مڻيو، دل دنبورو جن
تندون جي طلب جون، وحدت سر وڄن
سي سنا ني جاڳن، عبد عبادت تن جي

يا

لوچان ٿي لا حد ۾، هاديءَ لهان نه حد
مهريان جي سولهن جو، نڪو قد نه مد
هتي سڪ ٻي عدد، همت پرينءَ پرواهه ناهه ڪا

يا

منهنجي لاءِ آهاٽا رنا ڪيئن نه هوندا
پلؤ پالڊ تن جا پنا ڪيئن نه هوندا؟
ٻه آهن!

ڪلام پڙهڻ وقت ان تي وزن تـي جوڙيل ڍوهيڙا به
پڙهڻ لاءِ ملن!

مان سمجهان ٿي هن نموني جي ڍوهيڙن ۽ ڪلامن
جي رڳا ٿي شايد هيءَ پهريون ئي ڪتاب ڇپيل آهي.
پاروءَ جي هن ڪتاب ۾ شاهه، سچل، سامي، بيڪس،
روحل، بيوس. ڪوجهي، گهايل. ڏرمداس وغيره ۽
آنهن سان گڏ وچين وقت وارن پرسرام ضيا، هري دلگير،
دکايل ماسٽر چندر، رانجهن، رام پنجواڻيءَ جي
ڪلامن کي پيش ڪري ڪلاسيڪي يگ جي شاعرن ۽
وچين وقت جي شاعرن جي ڪلامن کي به گڏ ويهاريو
ويو آهي ته هاڻوڪي وقت جي پريو وفا، نارائڻ شيام،
شيخ اياز، تنوير عباسي، طالب مولا، تاجل بيوس
کي به نه وساريو ويو آهي. نه رڳو ايترو پر موتي پرڪاش
واسديو نرمل، ڪرشڻ راهي، پولڻ راهي کي پڻ جوڳي
جڳهه مليل آهي هن ڪتاب ۾. مونکي گهڻي خوشي
ان ڪري به ٿي آهي ته هن ڪتاب ۾ استري شاع
پاروُ چاولا ۽ رڪمڻي ڇنداڻي به شامل ٿيل آهن. نه
انتخاب ۾ مرد- ليکڪ استرين جا شعر شامل ڪندا
ڪيئهن! (صرف هڪ دفعو ڊاڪٽر هرو سدارنگا
"ماڊرن پوئٽري" نالي انگريزيءَ ۾ نڪتل انتخاب
سنڌي ڀاڱي ۾ منهنجو هڪ شعر شامل ڪيو هـ
آهڙن چوائد ڪندڙن کي جيترو نندجي ٿورو آهي

هن ڪتاب بابت....

ڪجھ مهنا اڳ، هڪ ڏينهن ٻئي مان ڀاءُ ناري ساولاڻي گڏجڻ آيو ۽ ٻڌايائين ته **"رڪ جهولڻ تي"** ڪتاب جنهن ۾ گيت، ٻجن ۽ جهولڻ جا پنجڙا لکيل آهن، ايترو ته اُني پسند پيو آهي جو چنڊ جي ڏينهن چونڪيءَ تي گهڻو ڪري هرڪنهن جي هٿ ۾ اهو ئي ڪتاب هوندو آهي.

اِئين ڳالهيون ڪندي چيائين ته "اسان ڪي اتي هڪ ڏکيائي آهي جو ڪو گيت ڳائيندي، اُن ۾ ڪهڙا ڏوهيڙا ڏجن، اها پوجھ نٿي اچي پئي. اهڙو ته ڪو ڪتاب به نٿو ملي. جيڪڏهن اوهان اهڙي ڪتاب کي ڇپائو ته تمام سٺو ٿيندو"، هن ڀاءُ کيسي مان ۵ هزار ڪڍي اڳيان رکيا ۽ چيو "اوهان ڪم شروع ڪري ڇڏيو."

هن اهڙي صحبت سان ۽ پيار وچان اهو سڀ ڪيو، جو مون وٽ ناڪار ڪرڻ جو سبب ئي نه هو.

هاڻ جڏهن هيترن مهنن کان اُن رٿا موجب ڪلام لکندي ويس ۽ ڏوهيڙا چونڊيندي ويس، تڏهن وڃي سڌ پئي ته هي ڪتاب ڇپائڻ ڪيتري نه محنت جو ڪم هو.

جڏهن وري ڀاءُ وشنداس مديال کي پئي لاءِ فون ڪيم ۽ وٽانئس آهل سمپل ڏنم، هن ڪتاب ۾ ڪم

سڀني ۾ سڀني ڳالهه اها آهي ته ڏوهيڙن ۾ ڪلامن
کي زبرون زيرُون ڏنل آهن جي اَڄ ڪنهن ڪتاب ۾
ورلي ڏسڻ لاءِ ملندڙون آهن. هيئن ڪري لفظن جو
اُچار صحيح ٿيندو، جنهن ڪري معنيٰ پڻ صحيح
ٿي سمجهبي!

هيتري محنت ۽ لڳن سان ڪم ڪرڻ لاءِ پارُ
چاولا گهڻي داد جي لائق آهي. اُميد ٿي ته، بلڪ
پڪ آهي ته ڳائيندڙ هيءُ ڪتاب حاصل ڪري پارُ
چاولا جا ڳڻ ڳائيندا ۽ سندس ٿورا مڃيندا.

پوپٽي رامچند هيراننداڻي

١٩٩٢-٦-١٦

آندل آرٽ پيپر اُلاجي ڪيئن پسند پيو، اُن پني
جي سامهون ٻيو ڪو به پنو نه پيو وڻي. وري فون
ڪيومانس، چيائين ”جيتوڻيڪ اهو آرٽ پنو ٿڌي پني
کان ٽيڻو اڳهه آهي پر اوهان اُن جو ڪو به خيال نـ
ڪيو، اوهان پنهنجي پسنديءَ وارو پنو ڪم آڻيو
پني جا پئسا، جيترا به اوهانکي کپن، اوترا ڏيو، مونکي
سڌ آهي ته اهو سڀ اوهان سنڌي ٻوليءَ کي زنده
رکڻ لاءِ ٿا ڪيو.“ ۽ ائين اهو مسئلو دور ٿيو.

ڪتاب ڇپجندي، اُلاجي ڪيترو خرچ ٿئي ولو آهي
ڏهني مان ٻيا ايشور آڏواڻي فون ڪيو، کيس به ڪتاب
بابت ۽ اٽاهه خرچ بابت ٻڌايم. چيائين ”منهنجي لـ
٥٠ ڪتاب رکجو، قيمت موڪلي گهرائي وٺندس. ٻـ
ڀائرن پرسرام للواڻي ۽ موهن للواڻي سان ڳالهه ڪيم
چيائون تون خيال نه ڪر، اسين ويٺا آهيون.“ ۽ ائـ
اَئڊوٽائيزمينٽ لاءِ به جن سڄڻن کي فون ڪيو. هـ
مٿتر موڪلي ڏنو. ٻيا موهن چاولا، ديولالي مان فـ
ڪيو ”١٠٠ ڪتاب مون لاءِ رکو.“

دادي پوپٽيءَ کسي جلدهن مهاڳ لکڻ لاءِ چـ
چيائين، ”گهڻو ڪري ساڳي جنس ڪان مهاڳ نـ
لڳائيندا آهن.“ پر مون چيو دادي! اوهان جي
۽ ٻوجهه ۾ مونکي وشواس آهي.

پارو

مهاڳ

ميران جو هڪ ڀڄن آهي:

"الٻي ڏيکن مٺن چلي - مٺن ڀي هو گئي لعل."

ڀارو ڇاولا ڪلام ڳائيندڙ ۽ ڏوهيڙا ڏيندڙ رام پنجوائڻي جي چونڪين لئي وڻندي هئي. سنڌ جو ڀوسنگ اهڙو لڳس جو نه رڳو ڀاڻ ڪلام ڳائي وچ وچ ۾ ڏوهيڙا ڏيڻ لڳي پر ڪلام رچڻ به لڳي!

سنڌ ۾ هندستين ته مسلمان تهذيب جي فضا ۾ زال ذات شعر رچڻ لاءِ قلم نئي نه کڻندي هئي! جتي ڏکڻ هندستان ۾ آنڊيال، ڪشمير ۾ لالا، راجستان ۾ ميران، مهاراشٽرا ۾ سکو بائي ڀڳتي-گيت رچي امر ٿي ويئون آهن، اتي سنڌ ۾ زالن چپ به نه چوريو آهي!

ورهاڱي کان پوءِ پڻ شروعاتي وقت زالن مضمون، ڪهاڻيون ناول ۽ ناٽڪ لئي ته قلم هلايو مگر شعر رچڻ لئي همت نئي له هلايائون! ڌيري ڌيري هنن پٽڪڻ شروع ڪيو. ڪلا پرڪاش "ممتا جون لهرون" لکي شروعات ڪئي. ان ڪتاب ۾ شعر ڪيترن پر شاعرائڻا ويچار ۽ شاعرائڻا جملا آهن. اُن بعد مون "ڀارت جي استري" ڪتاب ۾ ٽنين صفحن ۾ پنهنجي دل جا اُدما درج ڪيا. سندري اتمچنداڻي پڻ ڪٿي ڪٿي ڌيمي آواز ۾ پٽڪيو.

ڳايا وڃن ٿا. ورهاڱي بعد پروفيسر رام پنجواڻيءَ ڇوڪرين کي سيکاريو، زنده رکيو ۽ پرچار ڪيو. ان ڪري اَڄ گهڻيئي ٽوليون ڇوڪريون وجهن ٿيون.

پر ڳائيندڙن کي ڏوهيڙا ياد نه ٿا پون ته مڙيوئي هِتان هُتان ڪجهه ياد ڪيل ڪري ٿا ڳائين. سچ پچ ته جيڪو ڪلام پيو ڳائجي اُن سان ٺهڪندڙ ڏوهيڙو ئي چونڊ گهرجي.

پارو چاولا هن ڪتاب ”چونڊ سنڌي ڪلام ۽ ڏوهيڙا“ ۾ جهجها ڏوهيڙا ميسر ڪري ڏنا آهن ۽ اُنهنجي ترتيب اَهڙيءَ طرح رٿي اٿس جو هر هڪ صفحي تي هڪ خاص ۽ مخصوص وشيه تي ئي ڏوهيڙن جو نمونو ڏنل آهي. مثلا صفحي ٻٽيهن تي ”ملڻ لاءِ تڙپ“ تي ئي ڏوهيڙا آهن صفحي چوٽيهن تي ”محبوب سان ملڻ جي طريقي“ بابت ئي ڏوهيڙا آهن.

نه رڳو ايترو پر ڏوهيڙن جي سامهون تي ٻئي صفحي تي ان ساڳي وشيه تي ئي ڪلام ڏنل آهن. يعني ته ڪو ڪلام ڳائڻ شروع ڪري ته وچ وچ ۾ هوُ پاڻ يا ڇوڪريءَ جي اسٽيج تي وينل ٻيو ڪو ڳائڻو اُن ڪلام سان ٺهڪندڙ ئي ڏوهيڙو ڏئي. اِئين اُن وقت مجهڻ بدران اُن ئي صفحي کي کولڻو پوي سيني ڳائيندڙن کي ۽ ٻڌندڙن کي پڻ وڻوڙي واري

هاڻي تہ رڪمڻي چنداڻي، پارو چاولا، ريتا شهاڻي
۽ پوپٽي هيراننداڻي باقاعدي شاعرائون ليکجن ٿيون.
وقت هو جڏهن سنڌي زال غزل پڙهڻ لاءِ بہ مشاعرن ۾
شريڪ نہ ٿيندي هئي پر هاڻ رڪمڻي چنداڻي
باقاعدي غزل رچي ٿي ۽ غزلن جا مجموعا ڇپائي ٿي!
پارو چاولا پنهنجا گيت ۽ ڪلام رچي بہ ۽ ڳائي بہ ٿي.
جهوليلعل جي پوڄا ڪندي هوءَ چوي ٿي:-

جهرمر جوت جندل جي جرڪي ٿي چؤڌار
جيڏانهن ڪريان نظر ليڏانهن ٿئي ديدار
مؤجي منو مندار، وسي ٿو ڪڻ ڪڻ ۾!

ٻئي هنڌ چوي ٿي:-

دولهہ جي در جيڪو آيو
پاڪ پلو ٿيو، تنهنجو سوايو

اِئين پارو ڇؤنڪين ۾ ڳائڻ جهڙا ڪلام ۽ ڏو
جوڙي ٿي.

ڇؤنڪي حقيقت ۾ قواليءَ جو ئي هڪ روپ آ
اصل اصل ۾ قواليءَ ۾ پرماتما جي ساراهہ ۽
پرارٿنا ڪئي ويندي هئي. هاڻ بہ قوالي شرو
تہ پهرين ايشور جي ثنا ۾ ئي ڪلام ڳايو ويندو
پر پوءِ قواليءَ جو روپ بدلجي ويو آهي
دنياداري ڪلام ۽ غزل پڻ ڳايا وڃن ٿا.
ڇؤنڪيءَ ۾ صرف پڃن-لما ڪلام يا صوفي

هن ڪتاب ۾ گهڻو بدل ڏوهيڙا ۽ ڪلام، جهڙوڪ

ڪيڏو مست پرين جي ڪنهن ناز مونکي
وسريو روزو ناهي ياد نماز مونکي
سچل

يا

ايڪ قصر، در لک، ڪوڙين ڪٺس ڳرکيون
جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن صاحب سامهون

يا

تيڏا مڪان واهه، جت ڪٿ وسين تون
— آغا

آهن نه ڪي ناياب ۽ ورلي ڪَنَ ۾ گهڙندڙ ڪلام ۽ ڏوهيڙا جهڙوڪ:-

تن تسبيح من مڻيو، دل دنبورو جن
تندون جي طلب جون، وحدت سُر وڄن
سي ستا ئي جاڳن، تنهن عبادت تن جي

يا

لوچان ٿي لاحد ۾، هاديءَ لهان نه حد
سمريان جي سولهن جو، نڪو قد نه مد
هتي سگهي ٻي عدد، همت پرينءَ پرواهه ناهه ڪا

يا

منهنجي لاءِ آباٽا رڙا ڪيئن نه هوندا
پَلَوَ پالڻ تن جا پنا ڪيئن نه هوندا؟

۾ آهن!

ڪلام پڙهڻ وقت اُن ئي وڻيءَ تـي جوڙيل ڏوهيڙا به پڙهڻ لاءِ ملن!

مان سمجهان ٿو ته هن نموني جي ڏوهيڙن ۽ ڪلامن جي رٿا تي شايد هيءَ پهريون ئي ڪتاب ڇپيل آهي.

پاروءَ جي هن ڪتاب ۾ شاهه، سچل، سامي، بيڪس، روحل، بيوس. ڪوجهي، گهايل. ڏرمداس وغيره ۽ اُنهن سان گڏ وچين وقت وارن پرسرام ضيا، هري دلگير، دکايل ماسٽر چندر، رانجهن، رام پنجواڻيءَ جي ڪلامن کي پيش ڪري ڪلاسيڪي يگ جي شاعرن ۽ وچين وقت جي شاعرن جي ڪلامن کي به گڏ ويهاريو ويو آهي ته هاڻوڪي وقت جي پريو وفا، نارائڻ شيام، شيخ اياز، تنوير عباسي، طالب مولي، تاجل بيوس کي به نه وساريو ويو آهي. نه رڳو ايترو پر موتي پرڪاش، واسديو نرمل، ڪرشن راهي، پولڻ راهي کي پڻ جوڳي جڳهه مليل آهي هن ڪتاب ۾. مونکي گهڻي خوشي ان ڪري به ٿي آهي ته هن ڪتاب ۾ استري شاعر- پاروءَ چاولا ۽ رڪمڻي چندناڻي به شامل ٿيل آهن. نه ته انتخابن ۾ مرد - ليکڪ استرين جا شعر شامل ڪندا ئي ڪينهن! (صرف هڪ دفعو ڊاڪٽر هرو سدارنگاڻيءَ "ماڊرن پوئٽري" نالي انگريزيءَ ۾ ڪڍيل انتخاب جي سنڌي ڀاڱي ۾ منهنجو هڪ شعر شامل ڪيو هو!) آهڙن ڇولڊ ڪندڙن کي جيترو نندجي ٿورو آهي!

هن ڪتاب بابت...

ڪجهه مهينا اڳ، هڪ ڏينهن ٻاهر مان پاڻ ناري ساولاٽي گڏجڻ آيو ۽ ٻڌايائين ته **"رڪ جهولڻ تي"** ڪتاب جنهن ۾ گيت، پڇن ۽ جهولڻ جا پنجڙا لکيل آهن، ايترو ته اُني پسند پيو آهي جو چنڊ جي ڏينهن چونڪيءَ تي گهڻو ڪري هرڪنهن جي هٿ ۾ اهو ئي ڪتاب هوندو آهي.

انهن ڳالهين ڪندي چيائين ته "اسان ڪني اتي هڪ ڏکيائي آهي جو ڪو گيت ڳائيندي، ان ۾ ڪهڙا ڏوهيڙا ڏجن، اها ٻوجهه ئي اُتي پئي. آهڙو ته ڪو ڪتاب ۾ نه ملي. جيڪڏهن اوهان اهڙي ڪتاب کي ڇپايو ته تمام سٺو ٿيندو"، هن پاڻ کيسي مان ٥ هزار ڪڍي اڳيان رکيا ۽ چيو "اوهان ڪم شروع ڪري ڇڏيو."

هن ايتري محبت سان ۽ پيار وچان اهو سڀ ڪيو، جو مون وٽ ناڪار ڪرڻ جو سبب ئي نه هو.

هاڻ جڏهن هيترن مهينن کان اُن رٿا موجب ڪلام لکندي وئس ۽ ڏوهيڙا چونڊيندي وئس، تڏهن وڃي سڌ پئي ته هي ڪتاب ڇپائڻ ڪيتري نه محنت جو ڪم هو.

جڏهن وري پاڻ وشنداس مهيال ڪني پڇي لاءِ فون ڪيم ۽ وٽائنس آئل سيمپل ڏنم، هن ڪتاب ۾ ڪم

سڀني ۾ سڀني ڳالهه اها آهي ته ڏوهيڙن ۽ ڪلامن کي زبرون زيرون ڏنل آهن جي اڄ ڪنهن ڪتاب ۾ ورلي ڏسڻ لاءِ ملنديون آهن. هيئن ڪري لفظن جو اُچار صحيح ٿيندو، جنهن ڪري معنيٰ پڻ صحيح ٿي سمجهبي!

هيتري محنت ۽ لڳن سان ڪم ڪرڻ لاءِ پارؤ چاولا گهڻي داد جي لائق آهي. اميد ٿي ته، بلڪ پڪ آهي ته ڳائيندڙ هيءُ ڪتاب حاصل ڪري پارؤ چاولا جا ڳڻ ڳائيندا ۽ سندس ٿورا مڃيندا.

پوپٽي رامچند هيراننداڻي

١٦-٦-١٩٩٢

چونڊ سنڌي ڪلام

۽

ڏوهيڙا

آنڊل آرٽ پيپر اَلاجي ڪيئن پسند پيو، اُن پڻ
جي سامهون ٻيو ڪو به پئو نه پيو وڻي. ورڻي فون
ڪيومانس، چيائين "جيتوڻيڪ اهو آرٽ پئو ٻئي پئي
کان ٽيڻو اگهه آهي پر اُوهان اُن جو ڪو به خيال نه
ڪيو، اُوهان پنهنجي پسنديءَ وارو پئو ڪم آڻيو ۽
پئي جا پئسا، جيترا به اُوهانکي کپن، اوترا ڏيو، مونکي
سڌ آهي نه اِهو سڀ اُوهان سنڌي ٻوليءَ کي زنده
رکڻ لاءِ ٿا ڪيو." ۽ اِئين اِهو مسئلو دور ٿيو.

ڪتاب ڇپجندي، اَلاجي ڪيترو خرچ ٿي ويو آهي.
دهلي مان ڀاءُ ايشور آڏواڻي فون ڪيو، ڪيس به ڪتاب
بابت ۽ اُتاهه خرچ بابت ٻڌايم. چيائين "منهنجي لاءِ
٥٠ ڪتاب رکجو، قيمت موڪلي گهرائي وٺندس. ٻن
ڀائرن پريم لالواڻي ۽ موهن لالواڻي سان ڳالهه ڪيم،
چيائون تون خيال نه ڪر، اَسين وٺندا آهيون." ۽ اِئين
اَئبوڻا ئيزميمنٽ لاءِ به جن سڄڻن کي فون ڪيو. هڪ
مشتر موڪلي ڏنو. ڀاءُ موهن چاولا، ديولالي مان فون
ڪيو "١٠٠ ڪتاب مون لاءِ رکو."

دادي پوپٽيءَ کـي جڏهن مهاڳ لکڻ لاءِ چيو
چيائين، "گهڻو ڪري ساڳي جنس کان مهاڳ ٻيا
لکائيندا آهن." پر مون چيو دادي! اُوهان جي
۽ پوڄه پر مونکي وشواس آهي.

پارو چا

ڪلام!

دوست پيهي در آيو، ٿيو ملڻ جو سعيو.

١- ڏينهن ڀڄاڳا آئي اسانکي، مولي محب ملايو.

٢- ويو وڇوڙو ٿيو ميلاپ، واحد واهه ورايو.

٣- هو جنهين جو ڏَسُ ڏورانهون، اوڏو اڄ سو آيو.

٤- **شاهه لطيف** چوي، اچي عجيبن پاڻ فضل فرمايو.

* *

ڪيهي ڪريان مهماني، يار اڱڻ منهنجي آيو.

١- دوست گڏيو دل جاءِ ٿي، هينئڙي لٿي حيراني.

٢- هن وَڙَ لائق هوس نه آنءَ، محب ڪئي مهرباني.

٣- مشڪل جا هئي ڳالهه اسانکي،
اُها ڪيائون آساني.

٤- فضل ڪرم سان پاڻ بخشائون،
سچل کي سلطاني.

ڏوهيڙا!

١- اچين جي هيڪار، مون ساريندي سڀرين،
پيرين ڌريان پنبڻيون، هَنڌِ وڇايان وار،
ساجن سڀ جمار، گولي ٿي گذاريان.

* *

٢- مون گهر اچي جي ٿئي، مينڊڙو مهمانُ،
آڻي جهوڪيان آگ ۾، جيري ھڻان جانُ،
تاڻي تنورن ۾، ڀيري ھڻان پاڻُ،
پيکن سوڌو پاڻُ، گهر ٽُڙ گهوريان پرينءَ تان.

* *

٣- مٺن سُٺيا، ساجن آيا، ڪئسي جُگِت ڪَرون،
ٿال پَرِ سڄ موتيان دا، اوپر نَئِنِ ڌَرون.

* *

٤- چشم تر، دل منتظر، ليڪيءَ نظر سان ڪير آ؟
آهي دروازي تي دلبر، در ڪلڻ جي دير آ.

(بيوس)

ڪلام!

نه مون چوريو آ چرخو، نه مون ڪئي آ ڪتڻ جي،
ڪميٽي مون جهڙي جڳ ۾ ناهي آتڻ جي.

۱- هٿن ڀار پُرِڻ جڏهن آءُ ويهنديس،
هٿڙن خالي آهيان، هٿي ڇا آءُ ڏينديس،
سواءِ تو ڏٺيءَ جي، پائي ناهي پٽڻ جي.

۲- مُڙ سيرَ وَٽيون لو وارا جي تُرندا،
اڳيان صرافن، پَڌَرِ سي ٿي پوندا،
ڪڍندا هٿن ۾ ٽارازي تورڻ لاءِ.

۳- نه مون ڪئي آ ڪمائي،
نه مون ملي مزوري،
عمر گذري ويئي، منهنجي سموري
ويو وقت گذري، سڄ به ڪئي آ لهڻ جي.

۴- جن کي پاڪ پرايو، وَڙيو تن جو وارو،
تن جي اندر جو مٽيو سڀ نه مونجهارو،
شيرل سان هاڻي ڪر محب ملڻ جي.

ڏوهيڙا!

١- سي تو ويهي وڃايا، جي ڪتڻ سندا ڏينهن
اَرِتَ اوڏي نہ ٿين. پوري! پوري سڀن ۾.
ڪند ڪٽيندين ۾ ڪيئن، اگهڻ عجيبن جي.

*　　　*

٢- پُوکين ٿان کي پوک، جُيسين پاڻي اٿيئي پاڙ ۾
وُٺ بہ ويندي نکري، سُکي ٿيندين سوک،
جتي لُڏندو لوڪ، اُتي سڪندي هڪ سنگ لا

*　　　*

٣- محبت پائي من ۾، رنڊا روڙيا جن.
تن جو صرافن، اڻ تور ئيو اَگهايو.

*　　　*

٤- چاوت پائي چت ۾، سنهو ڪُتيو جن.
تن جو صرافن، ڏڪو داخل نا ڪيو.

*　　　*

٥- جا سنهو نہ سِڪي، سا پِل راڊا ئي روڙي،
سُٽُ ٽِنين جو سڳرو، ويا ٽارازيءَ توري،
ڏُٺي ۾ توري، وڃاريو سان وَڙُ ڪيو.

ڪلام!

ننڊ نا ڪر تون نماڻي. جاڳ جاني جاڳ جاني،
راتڙي وهاڻي ... ... ننڊ نا ڪر ... ...

١- اوکا پنڌ پهاڙ جا، سَمَرُ ڪٺڻاءِ ساڻي.
٢- ٻن درياهن وچ، ٻيڙي وَهي پراڻي.
٣- هتان هلندينءَ هيڪلي، اُن نه مِلندءِ پاڻي.
٤- سرتيون **شاهه لطيف** چوي، صاحب! ٿيندم ساڻي.

* *

لائي نه ويا مُٺيءَ کي لوري،
هيءَ گهوري منهنجي جندڙي جتن تان،
١- اڌي آڌي رات جو،
منهنجو پنهل ونئي ويا جَتَ زوري.
٢- ماڻهو شهر ڀنڀور جا،
آءٌ ڀِنهي ۾ هيس ڀوري.
٣- ڪولهي ڏوهه ڏاڍن جو،
مونکي ننڍڙي اچي وڌئي نڌوري.
٤- سرتيون **شاهه لطيف** چوي،
مونکي سڪڙي لڳي آهي سڌوري.

ڏوهيڙا!

١- سُتا اُٿي جاڳ، ننڊ نه ڪجي ايتري،
سلطاني سهاڳ، ننڊون ڪندي نه ملي.

* *

٢- جاڳڻ منجهان جُس، آهي اَدا تَنهِن کي،
لاهي جو لطيف چئي، ٿئان قلب ڪُس،
وَرَنهِ ڪجان وُس، صبح ساڻ سيد چئي.

* *

٣- سُتي نه سرندياءِ، ڪرِ پچار پرينءَ جي،
وهامي ويندياءِ، گهڻا هڻندين هٿڙا.

* *

٤- هي ڏان ٿورڙيون، جي تون پورا، پسي پُلئين،
راتيون ٻيون گهڻيون، جي تو ايندڀون هيڪلـ

* *

٥- سڪي سڪي سُتياس، سڪ سمهڻ نه ڏي،
جاڳي سُتيسِ جن لاءِ، سي آيا ته ڪين اُٿيا
پيهر آءٌ پليياس، نه ته سڪ ۾ سمهڻ ڇا لڳي

* *

٦- سڄيون راتيون سمهي، ڏِٺَءِ پيءُ پچار،
پانئيئي سڀ ڄمار، سڄڻ هوندا مان گهرين.

ڪلام!

تون سخي آهين -باجهي، در اٿم تنهنجو جهليو،
هاڻ تنهنجيءَ ڪي ٻڌي مان، دور ڪان آهيان هليو.
١- عُهِت ڏي عالڪ مونکي. منهنجي مداين ڏي نه ڏِس،
عيب مون م ارڙ ميا، سڀ سڀ اٿم سائين سليو.
٢- تون پريو پندار آهين، خالي جهولي پر ڪٽي،
آس هڪ تو م رکي مون، آسرو جڳ جو پليو.
٣- تون هِنئين جو ٺار آهين. ٺار وجهه منٺار تون،
بي سبب دنيا جي حرصن م، جگر آهي جليو!
٤- تنهنجي دم سان دل جي اُجڙيل باغ ۾ ايندي بهار،
تو نظر جنهن تي ڪئي، سو دائما قوليو ڦليو.
٥- تنهنجي چانئٺ تي پيو آهيان، ٻُوَنِي من تَرِس ڪو،
مان ضيا مجبور آ يان. روح جو تو سان رليو.

*

لڳي آهيان تنهنجي لام، پيو نه سجهي تو ڪينڪي،
١- تارون نن جون توکي گهرن تيون،
ڪوله گهرن پيو ڪام ... لڳي ...
٢- طالب تن م تڪيو بٺايو،
ڪين پروڙيو عام ... لڳي ...
٣- هِنَ هَنَ جڳ کي تَرڪُ ڪيائون،
وِٺي نه تنهنجو نام ... لڳي ...
٤- ڪرم قُطب تي ڪر تون سائين،
پيئي آهيان تنهنجي شام ... لڳي ...

ڏوھيڙا!

١- تون صاحبزادو سچڙن، آءُ نسورو نوڪر،
بيحد ڪريان بندگي، ھٿ ٻڌي حاضر،
ڇڙن ڇڏيندين ڪين ڪي، دوس آوھان جو د
مون تان مِھر نظر، پرين! لاھِ م پانھنجو.

* *

٢- مَ ڪَرِ ڀول ڀلو، ناتو نماڻيءَ سين،
ڪونھي ڪميڻيءَ جو، ٻگر تو ٻلو،
تنھنجو نانءُ نِلو، وٺيو وڃي آھيان.

* *

٣- تو در آيس راڄيا، ٻيا دَرَ ڏيئي پُنِ،
کھاڻ جو ڪماچ سين، سڀئي سپا جھي ڪر
جا مُڱَ منھنجي مَنِ، توکي معلوم اڳھين.

* *

٤- تُن تَسبِيحَ، مَن مڻيو، دل دنبورو جنِ،
الڏون جي طلب جون، وحدت سر وڄن،
سي سُتائي جاڳن، زھد عبادت تِن جي.

ڪلام!

مون ته پرين ڪيا پنهنجا-

منهنجا تين نه تين وو.

١- عيبن ڀري آهيان - ڏوهه ڪين ڏسن وو.

٢- آءٌ ته اُنهن جي آهيان - لوڙي مون نه مڃين وو.

٣- سرتيون **شاهه لطيف** چوي، چاهه منجهان

چاهين وو.

*　　　*

پيري پونديسان چونديسان،

رهي وچ رات پنيور م

١- اُٺ ته آري جام جا، واڳون ونديسان

چونديسان ... ...

٢- چڙهي ته جبل چوٽ تي، سڏڙا ڪنديسان،

چونديسان ... ...

٣- سرتيون **شاهه لطيف** چوي،

لوچي لهنديسان ...

چونديسان ... ...

ڏوھيڙا!

١- اَديون! آءٌ اڄاڻ، مون سگ ھياٽي نہ ڪيو،
ھوند نہ سنجيم ھيتري، ڪوھياري جي ڪاڻ،
رَتيءَ جي رِھاڻ، جيءَ اڙيم جت سان.

* *

٢- سَتُن ڪَرِ سُنار، آءٌ اَگھاڙي آھيان،
ٻڪين ٻڪٽھار، ڏيئي پاند پماھ جو.

* *

٣- لوچان تي لاھد ھِر، ھاديءَ لھان نہ حَدُ،
سپريان جي سونھن جو، نڪو قد نہ مَدُ،
ھتي سڪڻ بي عددُ، ھتِ ٻرينءَ ٻرواھ ناھ

كلام!

دردن جي ماري ويچاري-

پنهل لاءِ رڙندي وتي.

١. اوکا پنڌ پهاڙ جا، ٻُرَ سُڃهن ٻاري،

٢- ڪوسا لڳن ڪڪڙا، واٽن ۾ واري.

٣- هيڏي شهر ڀنڀور ۾، چور ٻيئا چاري،

٤- ڏيرن مُٺيءَ سان ڏاڍ ڪيو، ڏار ڪيائون ڏاري.

٥- سرتيون **شاهه لطيف** چوي گهوٽ نه وڃهه گهاري.

* *

پرديسين جي کهڙي ياري.

رات رهي ڪن صبح تياري.

١- اٺ نه آريءَ ڄام جا، ٻار ڪڍن ٻاري،

٢- ڏيرن مٺيءَ سان ڏاڍ ڪيو، ڏار ڪيائون ڏاري،

٣- سرتيون **شاهه لطيف** چوي، گهوٽ نه وڃهه گهاري.

ڏوهيڙا!

١- ڏاگهن، ڏيرن، ڏونگرن، ڏکڻ آئون ڏٺي،
پڇان پير پنهونءَ جو، وڃان وِک وَڌي،
لِڪئي آئون لَڌي، ناتَ پَنهنِ ڪير پَنڌُ ڪري.

* *

٢- ڏونگر ڏُکوئن ڪي، دلاسا ڏِجَنِ،
گهٽڙ پڇجي تِنِ کون، جِنِ وٽان هوت وڃن،
تون ڪيئن سَنڌا لِنِ، پَهَڻَ پير ڏُکوئين.

* *

٣- ڏُرِيان ئي ڏاريان، مِٽ مُٺيءَ جا نه ٿِيا،
مُدي ڏيرن جي مَنَ ۾، ڪِليو ڪيڪاريان،
صُبح ٿي ساريان، نه اُٿ نه اوطاقن ۾.

* *

٤- اُنن ۽ جُتَنِ جو هو پاڙ ۾ پربند،
هونئن نه رِڙن ريهون ڪن هيارا هر هنڌ،
پڇين شال ڪنڌ، جو مون پيريءَ ماٺ ٿيا،

ڪلام!

منهنجي لاءِ اباٺا رنا ڪيئن نہ هوندا.
ڀَلَوَ ٻاند تن جا ڀنا ڪيئن نہ هوندا،
دامن تنهين جا، ڀنا ڪيئن نہ هوندا.

١- منهنجا ڪيت مارو، ناهن ميارِي،
لنهنجي ڏپ ڏاوُ ڪان ڏنا ڪيئن نہ هوئندا،
منهنجي لاءِ اباٺا ... ...

٢- ڪيم ڏوهہ ڪهڙو، ڀَلَڻِ ڪوٽ ڀيڙو،
ڪارا وِيس تنِ وو ڪَيا ڪيئن نہ هوندا،
منهنجي لاءِ اَباٺا ... ...

٣- اها آس اٿم، ملان شال مارن،
نياپا مون ڏي ڪيا ڪيئن نہ هوندا،
منهنجي لاءِ اباٺا ... ...

* *

ٻرچن شال ٻنوهار ٻولا مارو مون سان.
١- مون موُرائين مديون آهن سيڻَ سنارَ،
٢- عيبن ڀري آهيان، سَتُرَ ڪجِ سَتارَ،
٣- اُنا ميٺهن مَلِيرُ ۾، ڏَرَ ڏَرَ ٻوءِ تدوار،
٤- ٻائي آيس ٻاندَ ۾، اَڪرِڪ، عيبَ اپارَ.

ڏوھيڙا!

١- اُئين مَ ھوءِ، جيئن آءٌ مران ٻنڌ ۾،
جُسو زنجيرن ۾، رائو ڏينهان روءِ،
ڀورين وڃان لوءِ، پوءِ مَرُ ڀڃنم ڏينهڙا.

* *

٢- پرهه ڦٽندي ڦالَ وِڌم ويڙهيچن جا،
وُٽا ميٺهن مليرتي، مارن چاڙهيا مالَ،
حيف منهنجي حالَ، منڊ ساريو نه مران.

* *

٣- آڻين ۽ چاڙهين، ڏُٿ ڏيهاڻي سومرا،
سَٿا ڪيو سيد چوي، سائون سُڪائين،
منجهان لَٻَ لطيف چوي، چانور ڪيو چاڙھ
پلاءُ نه ڀاڙين، عمر آراڙيءَ سين.

* *

٤- ماڙين مارُيس ڪين ڪي، مَيس مارُن لاءِ،
ڪَرَ لهندا ڪڏهين، منهنجي هاءِ،
سانگيڙن سداءِ، ويٺو واجھه وجھي ھيئون.

* *

٥- جي وڃهي ڏيان وَرَ ڪي، ته سياڳو مِ سنئون
نِتَ لِتَ آهه نئون، موڪلي ڀسڙ ڀنوهارن

لَٻَ = اَن جو قسم. آڙاڙي = اچن ڳلن سا
ڏُٿ = جھنگلي اَنُ.

ڪلام!

ڏسو عاشقن جا انصاف،

ڏين سر گهوري گهوري.

١- اندر باهه برهه جي ڀڙڪي، باهر نه نڪري باڦ،
چپائون نه چپ چوري چوري.

٢- عشق جي منزل اوکي اڻانگي، لنگهه هٽن تا لاڦ،
اڃا پنڌ اوري اوري.

٣- **ذرمداس** چوي ڀلِ مرڪن سي سينا جن جا صاف،
ڏنائون ڪنڌ ڪوري ڪوري.

*　　　*

ڏنو راءِ ڏياچ ميان،

هيءَ سِرُ صاحب ڏان صدقو.

١- ڇڏي هليو هٿهين، راڻيون پنهنجا راڄ وو ميان،
ڏنو راءِ ڏياچ ... ...

٢- مگڻين ورتو مگڻڻي، کهي ساڻ ڪماچ وو ميان،
ڏنو راءِ ڏياچ ... ...

٣- اديون **شاهه لطيف** چوي، ٿيس ڪم سُڪاڄ ميان،
ڏنو راءِ ڏياچ ... ...

ڏوهيڙا!

ڄاڄڪ جهوناڳڙهه ۾، ڪو عطائي آيو.
تَنهِن ڪامل ڪيڏي ڪينرو، ويهي وڄايو،
شهر سڄو ٿي سُرَ سڻِن تُنڊُنِ تپايو،
دايون در مانديون ٿيون، ٻائِن ٻاڏايو،
چارڻ ٿي چايو، - ماري آهي مڱڻو

* *

ٻائي ٻَتَ ڪٽا، مون ڌا مور نه مڱِڻو،
تازي طبيلن ۾، گهوڙا گهر گهڻا،
هاٿيءَ ڪارڻ هيڪڙي، آءُ ڪا تَنڊُ هڻان؟
جا مٿي تو مڻيا، تنهِنِ سِرَ جو آهيان سيڪڙو.

* *

مٿو مور نه ٻاڙيان، تُنهِنجي تند تنوار،
سِرَ ۾ سَچَرُ ناهه ڪو، موت مَ مڱڻهار،
ڪينهي منجهه ڪپار، لڇيندو ٿو لاهيان.

* *

تانُ نه آهي تَندُ جو، دون دون ڪري راز،
هڻندڙ سندا هٿڙا، سيڪو چوي ساز،
سَتَ ڏيئي شهباز، ٿيءَ ته ٿوڪ ٻرائين.

سَچَرُ=پيٽ ۾ ڏاڙ جهڙو. ٿوڪ=املهه و سٿو

ڪلام!

ڪڏهن راضي ٿي ملندين راڻا

١- ڪاڪ ڪوماڻي، ويل وهاڻي-
پينگ ٿيا سڀ پاڻا،

٢- جنهن ڏينهن لاڪر راڻا رسي وئين،
سختيون سور ساماڻا،

٣- **بيڪس** چاهي تنهنجي در ٻن،
وتن ڏکيه وڪاڻا.

* *

تنهنجي چانگل کي چندن چاريان
آءُ راڻا رهه رات

١- راڻيان ڏينهان روح ۾، تن ۾ تنهنجي تات.
٢- وڃي نت نهاريان، اچين جي پرڀات.
٣- مونکي آهي ميندڙا، وائي تنهنجي وات.
٤- اديون **عبداللطيف** چوي، ڏاڻو ڏيندم ڏات.

ڏوھيڙا!

١- مون گھر اڄ ھي ٿئي، ميندڙو مھاڻُ،
آٽي جھوڪيا آگ ۾، جيري ھٽان جاڻ.
ٽاٽي تنورن ۾، پيري ھٽان پاڻُ،
پيڪن سوڌو پاڻ، گھر ٽُڙ گھوريان پرينءَ تان.

* *

٢- ويئي نت نھاريان، راٽا تنھنجو راھُ،
موٽائي ماڳن تي آڻيندءَ الله،
سويا! تو ڳر ساھُ، ڌَ تَ راٽا ڳھٽا راڄ ۾.

* *

٣- شمع ٻاريندي شبَ، پرھ ٻاکون ڪيئون،
موت مران ٿي ميندڙا، راٽا ڪارڻ رَبُ،
تنھنجيءَ تات طلب، ڪانگ اُڏايم ڪاڪ

* *

٤- ڏيا ليلِ قليل ٿا، ٻاريم ٽائين ٻانگ،
ٻولو ٻٽِ رھائيو، ڪنھن سڻائي سانگ،
ڇاڏگي چڙھي آءُ تون لالَ ورائي لانگ،
ڪوڙين پتين ڪانگ. اُڏايام اڄ ڄ تون.

كلام!

رسَ نه رسڻ ۾ ڇاهي راڻا،
ريت رسڻ جي رمز نه ڄاڻان.

١- پريت پراڻي پيچ پراڻا، عشق اڳوڻو سمجهه سياڻا.
مومل ساڳي باغ پراڻا، درد نئين سر داغ پراڻا،

٢- ڇاڪ نه آهيان ڇاڪ ڪري وڃ،
محل مومل جو پاڪ ڪري وڃ،
ڪاڪ ڪري خاڪ جا ڇاڻا،
ڏرُ نه وساڻل وسن وٽاڻا.

٣- درد ڇڏي منهنجي دلڙي هتي آ،
درد نئين لاءِ جاءِ ڪٿي آ،
داغن جا آهن دل ۾ داڻا،
درد ڪي سالڊيا ڪٿي سياڻا.

٤- سڪن جي پاليل دکن ۾ پيئي،
دام ۾ ڦاسي دل ڪيئن وئي،
جنهن گهايا ها **چندر** گهراڻا،
سا مومل اڄ ڪري پيئي پڇاڻا.

* *

راڻل تو بن رات مولڪي وئي ورهيه لڳهي ويا.
- آءُ نه اوهانجي آهيان، ڪهڙي پڇو ٿا ذات؟
- ڪوڙ ڇو لپيديس ڪاڪ جا، پرهه ڦٽي پربات.
- سُتي هيڙيس سيج تي، تارن ٻري هئي رات.
- سرليون **شاهه لطيف** ڇوي، ڏاتر ڏيندو ڏات.

ڏوهيڙا!

١- رُسَ مَ رُسَڻ گهوريو، راتڙا چنڊ رِياءِ،
ميت مدايون موٽ لون، ڪري نرت نياءِ،
لالن جو **لطيف** چوي، ڪونهي سونهن سياءِ،
اوڳڻ ٻڪي آءِ، ته سويا سکياٽي ٿيان.

* *

٢- رس م رسڻ گهوريو، چنڊ راتڙا ريڏائي،
منهنجي ميت مينڌڙا، عاقل! اڳلائي،
لپيٽڃ **لطيف** چوي، ڪامل! ڪچائي،
ڪر معاف مدائي، ته سويا سکياٽي ٿيان.

* *

٣- ڳُجَرِ گهٽا گهائيا، ٻاٽا لڱس گهاءِ،
مينڌڙي مَلاءِ، لڱس ڪان ڪپار م.

٤- وَتِ سوريندي وُلَها، ويو تيل ٻري،
موٽ مسافر سپرين، چانگي تي چڙهي،
راتي لاه رڙي، ويئي وهامي راتڙي.

* *

٥- حال قربان، مال قربان، گهوريا لداڻو،
فدا ٿي فقيرِ جو، شل رُسي مَ راڻو،
مُهنِ سهڻ ماڻو، مناسب نه مينڌڙا.

ڪلام!

نڱڙا نماڻيءَ دا جيوين ڀيوين پالڻا

١- ميري آهيان مندي آهيان، بيشڪ بندي آهيان،
ڍڪين مهنجا ڍولڻا، عيب نہ ڦولڻا-

٢- پيئي آ پناري لڳيس تهنجي لاڙي،
جوڳي نال جالڻا ول ول آوڻا-

٣- يار **سچل** ڏون لٽڙي ڪنالي،
گهونگهٽ کولڻا - بهہ بهہ بولڻا-

* *

آهي مون تہ غريب جو ننگ ڏٽي ننگهال ميان

١- جهڙي تهڙي سائينءَ جي- لڄ مٽي لڄپال ميان.

٢- معلوم سارو هوت کي- هيڻيءَ سندڙو حال ميان.

٣- گهرج چوڻ جي ناهہ ڪا- آڳهہ ڪُل احوال ميان.

٤- آسر وندڙي آهيان- لهندم سار سنڀال ميان.

٥- **ڪوجهي** ڇڏيندم ڪين ڪي- نيندا نماڻي نال ميان.

ڏوھيڙا!

منھنجي مدائن جي، ڳَلَ پريان پيئي،
ڪڏھن ڪوسا نہ ٽيا، ڏوراپو ڏيئي،
ساڄن سڀيئي، پرڪيم ٻول ٻلايون.

* *

مَ ڪَرِ ٻول ٻلو، دالو نماڻيءَ سين،
ڪولهي ڪميڻيءَ جو ٻَڳرِ تو ٻلو،
لنھنجو نانءُ ٻلو، ونيو وڃي آھيان.

* *

ڀلائي آھين، ڀرڀس ڀلائي پانھنجي،
سباجھا سر چڙھيو، ڏوراپو نہ ڏين،
مون ڏي مڏيون ٽين، سڀڻ ٽئي ڇَجائين ٻ

* *

جي مون موڙھي مَتِ، ٻاڻا سچائيج سپرين،
اصلي اِگلن جا، عيب پڪيج اُتِ،
اي پِرِ لنھنجي ٻَتِ، جِنَن وِلھِيون پڪيو

وِلھِيوُن = لاوارث.

ڪلام!

عاشق مرندا ڪين ڪي، رهندا ڪين مڪان ۾،
١- ديوانيءَ درٻاهه جو پيتائون پيالو پُرِ ڪري،
اَڄ منجهه امر ٿيا، اهي گڏيا ڪين جهان ۾.
٢- غيب ۾ جي غرق ٿيا، تن گهاوَ گردن ۾ لڳا،
ٻولي ٻولن ٿا ٻي نه ڪا، اُهي رهن اَلامان ۾.
٣- ڪيڻي پڙهندي سال ٿيا، روزا نمازون نفل ني،
لن ڪُنَنِ ڪَلَ ڪا نه ڪا، باطن جي بيان ۾.
٤- چين ولايت گهر ڪري، گهڙي گهارن ڪين ڪي،
ٻُڌَنِ هادي حق کي، رهن ٿا بيابان ۾.
٥- هردم آهي دم دوست ڏي،
اُهي سونهن ٿا سر انجامَ ۾،
سچوءَ کي سوئي مليو، گر اچي نه گيان ۾.

ڏوهيڙا!

پل پل ڪن پڪار، ڪنا درد فراق جا،
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، اهي روئن زارو زار،
ساميءَ چوي سرير جي، رکن ڪا نه سنڀار،
آءُ مِلُ يار، نه ته ڏيون دم درد ۾.

* *

٢- عاشق زهر پياڪ، وِهُ ڏسي وِهُسنِ گهڻو،
ڪڙي ۽ قاتل جا، هميشه هيراڪ،
لڳين لِنوَ **لطيف** چوي، فنا ڪيا فراق،
لوڙي چڪنن چاڪ، ته به آه نه سلن غلام

* *

٣- محبت جي ميدان مان، لاهوتي لنگهن،
آديسي ارمان ۾، گهوماٽيا گهمن،
لڳي هلڻا حال ڪان، نڪي قال ڪُڇنِ،
باقي نه باهر وڃن، **سچل** مچ مچايو من

غزل !

اکڙيون پيئون ڇپائين ڪنهن لاءِ وَرُ ڪيو،
بيتاب دل ٻٽي آ ڪنهن جي تلاش ۾
هاءِ! ڪنهن جي تلاش ۾

۱- راتين جون راتيون گذريون تارا ڳڻيندي منهنجون،
تارا ڳڻيندي منهنجون
ننڊڙي ويئي ڦٽي آ ڪنهن جي تلاش ۾
بيتاب دل ٻٽي... ... ...

۲- آهستي اکڙيون بيٺي در ڏانهن ڪڇن ٽيون منهنجون
در ڏانهن ڪڇن ٽيون منهنجون
ويڙن اها وٺي آ ڪنهن جي تلاش ۾
بيتاب دل ٻٽي آ ... ...

۳- لوڪي سدا ڏسان مان **گهايل** گهڙيءَ گهڙيءَ
گهايل گهڙيءَ گهڙيءَ
لوڙي اها لڳي آ ڪنهن جي تلاش ۾
بيتاب دل ٻٽي آ ڪنهن جي تلاش ۾
اکڙيون ... ...

ڏوهيڙا!

١- جي اکڙيون ڪين اٿڪن ها تہ پيدا پيار ڇو ٿئي
رهن خاموش ها اکڙيون تہ دل نثار ڇو ٿئي ها
عجب آيم اکڙين تي جو روئڻ جن کان ويو وسـ
جي ہ ٿي لڙڪ لاڙين ها تہ اج هي آزار ڇو ٿئي

*　　　*

٢- ايندس ايندس يار چيو پر يار نہ مور نہ آيو
هڪ اک منهنجي روز ڦري ٿي، ٻيءِ اک رودن
سڄو سينڌ ويا سڀ وسري، وهنجڻ ورهہ پلا
ڇٽ نہ وطن سان **ڇندر** لڳي، پرديس آ يار

ڪلام!

نينڊ ڪٽي پيئي نهاريان،
ساهه سڄڻ توکي ساري سنڀاري.
١- ڏينهن ڏني تيا، منڙو ماندو،
ڪوڙين ڪانگ اڏايان
واڳ الله لڳ آءٌ تون واري.
٢- پيچ پرين پختو پاتو تم،
ويل نه هڪڙي وساريان،
لالن آيا تنهنجي لاري لاري
٣- توري ساعت سال تي پانيان،
گوندر ۾ تي گذاريان.
ويهه وِلهيءَ کي ڪين وساري.
٤- دل ۾ دردن دونهون دکايو،
هوت هنجون وهني هاريان،
قول پرين اج پنهنجا پاڙي.
٥- تار اندر ۾ تنهنجي آهي، پل پل پرت پچاريان،
باهه برهه جي وئين لون باري.
٦- باقي زندگي گذجي گهاريان،
توکي ڏسي دلڙي ٺاريان،
آءٌ اڃي رهه منهنجي اوتاري.
٧- **احسن** کي آهي اورا وهانجي، وائي نه ٻي ڪا واريان،
تار اندر جي تي توکي تنواري.

ڏوهيڙا!

١- اڄ پڻ اکڙين سڄڻ پنهنجا ساريا،
ڳلن ڳان ڳوڙهن جون بوندون بس نہ ڪنِ،
سندي سڪ سڄڻن، لوڪ ڏني لا لهي.

*　　　　*

٢- دلبر دي دروازي آتي نؤڪر بانهي ٿيسان
جو دم جيسان،
رکسان ٽانگهہ محبت والي،
جي مڪو سڄڻ سائين سڏ ڪريسان،
تو مئن ڪُنڙي بہ جواب ڏيسان،
جو دم جيسان،
ڪَڏُ مَ ڪاتي ڏي مُ دڙڪا
نَنڊي موت ڪِ وڏي وڇوڙي
جو مئن ڪسڻ قبول ڪر
جي مئن سڄڻ سائين سڏ ڪريسان
تو مئن ڪُنڙي بہ جواب ڏ
جو دم جيسان.

ڪلام!

ٻون ۾ عيب اَپار، سڄڻ تنهنجي ٻانهڙي آهيان،
١- ٻانهن جي آءٌ ٻانهي آهيان- ساري سڀ چمار-
٢- هجان هميشه هوت سان- شال ۾ تيان مان ڌار.
٣- اوڇڻ ڪنديس اکڙيون- پٿر ڪنديس وار-
٤- ٻاڻ تو ئي تون صدقي سائين- ڀسي ساڻ ڪپار-
٥- ساهه سچل جو سوگهو ڪَيُڙوُ- رکي ٻاراٽو يار.

* *

ٻانهن جي آءٌ ٻانهي آهيان،
هو شاهن جو شاهه جيڏيون.
١- ليث نه نينڊو ڪين ڇڏيندو،
هيڻن جو همراهه جيڏيون.
٢- آءٌ سڪان تي روز لڇان ٿي،
بالم بي پرواهه جيڏيون.
٣- آءٌ چڪوري چنڊ پرين آ،
چنڊ جو جنهن ڏي چاهه جيڏيون-
٤- من ۾ ٻاري ويو ٿم **راهي**
عشق سندو آڙاهه جيڏيون-

ديوان "راهي"

ڏوهيڙا!

اوڳڻ ڪري اپار، تو در آيس داسڙا،
جئن تو ٻُڌڻ سڏيون دوح ۾
تئن مون پيٺي ناهِ
سائينءَ لڳ سَتارَ! ميٺ مدايون منهنجون.

* *

ٻولا ٻيلِ ٻَرُ مون، ڪاڻڊ ڪميڻي آهيان،
سڪ تنهنجي سپرين! پيهي وِڏيس پٽن،
مون وَرَ تونهين تون، تو وَرَ ڏهون ڪيترا

* *

جيهي سا تيهي، مان ٻانهي ٻاروچل جي،
عجب هوس ٻنهل سان هنِ ڪميڻيءَ ڪيه
هو ڄا پائن پير ۾، تنهن جتيءَ ناجيهي،
وساري ويهي، تنِ ڪيچين، ڪي مان ڪيئن

ٻيل = ڏک، پٽن = زمين، ڏهون = زالون.

ڪلام!

ڪانگا ڪانگا او ڪانگا
حال نہ مون ھيٺيءَ سندو،
روئي ٻڌائج ھوت کي- روئي ٻڌائج ھوت کي.
ڪانگا ڪانگا او ڪانگا.

١- مون مسڪين جو عرض ڪٺي مڃ،
خط ھي منھنجو ڪانگا ڪٺي وڃ،
پڙھي ٻڌائج ھوت کي ... ڪانگا ... ...

٢- پرديسين ڪان پنڌڙا پڇائي،
جلدي موٽج محب مڃائي،
روئي ريجھائج ھوت کي ... ... ڪانگا... ... ...

٣- حال ٻڌڻ ڪان ھو جي ٿنائي،
ھنڙا ٻڌي تون سيس نوائي،
مري مڃائج ھوت کي ... ... ڪانگا ... ...

٤- موٽي مونکي ڏجانءِ واڌائي،
نہ تہ آشا ٿئي عمر اجائي،
ھينئڙي لائج ھوت کي ... ... ڪانگا... ... ...

ڏوهيڙا!

١- ڪانگا قريبن ڪي، هيءَ ڳجهي سڻائج ڳالهه،
تہ ڇا ڪان ڇڏي ڇو ويا اھا حقيقت حال،
ڪري پلايون پال، اگر اڇجو عجيبن.

*   *

٢- ڪانگا قريبن ڪي، حقيقت ڏي حالُ
نيڻن ننڊ ناهه ڪا، جَرَ وَهنئِ تا جال،
هيٺا ٿيڙم حال، جانب تنهنجي جدائيءَ ۾

*   *

٣- ڪانگا قريبن ڪي، سڻائج سورو سَچ،
دلبر راهيءَ جي دل ۾، مچن پيا ڪي مُچ
عجيب اوري اَچُ، تہ درد سڻايان دل جا.

*   *

٤- ڪڏي ڪانگا! تو ڏيان هٿون سارڻ هٿن،
وڃي ڪاهُ وِلات ۾، اڳيان عجيبن،
پرين مَنَ چون، هِٿَ قربان ڪيو ٿئي.

ڪلام!

سخي سپاجهل ٻاجھ ڪريو ڪا،
مهر ڪريو اوهين هاڻي!

١- در تنهنجي تي ڪيئن سوالي،
در تنهنجي ٽان موٽيو ڪو نه خالي،
هيءَ ٻه هڪ نماڻي- سخي سپاجهل .. ..

٢- درد منهنجي جو دارون تونهين.
ٻئي در جي مان ناهيان سونهين.
حال سڀوئي تو جاڻين- سخي سپاجهل ... ...

٣- چرخ فلڪ جي گهڻو ستايو،
ڏک ڪٽڻ جو ڪريو اوهين سعيو،
مرشد تيءَ اچي ساڻي- سخي سپاجهل ... .

٤- ڪرم **قطب** تي ڪر تون خالِقَ
تو ٻنا ٻيو ناهي ڪوئي مالِڪ،
ڏکڙا ڪٽين اچي ڀاڻيهي- سخي سپاجهل ... ...

* *

آءُ ٻانهي ٽون سائين وي-
پاتم پاند ڳچيءَ ڳل ڪپڙو

١- طرفون تنهنجي سائين پيارا-
ڪالگ آهن من ڪائين وي،

٢- ناز ڏاڍيءَ جي مهر پوڻي ڪا،
ٽورا مون ٽي لائين وي،

٣- روز ازل کان تنهنجڙي آهيان-
غير نہ مولکي پائين وي،

٤- هڪڙي ساعت اڱڻ **سچل** جي-
پير مبارڪ پائين وي.

ڏوهيڙا!

- صاحب! تنهنجي صاحبي، عجب جهڙي آهه،
وڏي سگهه سنڌياءَ، پاڻ وهيڻو آهين.

* *

٢- وڏي سگهه سنڌياءَ، ٻاجهه ڀريو آهين،
مون تان مهر م لاهه، آئون تنهنجي آهيان.

* *

٣- ڄڻو جيڻن نالوءَ، تيئن مون وڏو آسرو،
ڪو ڏر ناهه جهوءَ، مون ٻيا در گهڻا نهاريا.

* *

۴- لون حبيب تون طبيب، تون درد جي دوا،
ڄاڻين منهنجي جيءَ ۾ آزار جا اَنوا،
صاحب! ڏي شفا، ميان مريضن کي.

* *

٥- ڪِر ڪو ٻيرو ڪاند، مون نماڻيءَ جي نجهر
ٻرين! تنهنجي پاند، ٻولا! ٻڪي آهيان.

* *

٦- لون سمو آئون گذري، مون ۾ عيبن لکه،
هن مهجي حال جي، توکي سڀ پرکه،
ڪارڻ رب الکه، مٿان ماڳر مٽين.

نجهري = جهوپڙي.

ڪلام!

تنهنجو شهنشاهي شان سهڻا يار،
تنهنجو ئي نور آهي ظاهر ظهور آهي.
سونهن تنهنجي سبحان.

١- اکڙين ۾ بان سهڻا اَبرو ڪمان سهڻا،
تنهنجو ئي نور آهي، ظاهر ظهور آهي،
نيڻهن تنهنجي ڇنيو نشان سهڻا يار.

٢- نيڻن مان ڪير نهاري، مک مان تو ڪير پڪاري،
بولي تو ڪير اندر ۾، لڙهي تو ڪير جگر ۾
سڀ ۾ آ روپ تنهنجو، روپ انوپ تنهنجو
دل ۾ آ تنهنجو آستان سهڻا يار.

٣- شاهن جو شاهه آهين، مشڪل ڪشاهه آهين،
رهبر ۽ راهه آهين، ماهر ملاح آهين،
تون ئي پتوار منهنجو، تون ئي آذار منهنجو
تون ئي منهنجو نگهبان سهڻا يار.

٤- گل ۾ وفا خوشبوءِ تنهنجي،
رنگت نياري هر سوءِ تنهنجي،
قدرت جي آبرو تون، بلبل جي جستجو تون
حسن ڪمال تنهنجو جلوو جمال تنهنجو
حسن تنهنجي ڪيو حيران سهڻا يار.

ڏوهيڙا!

١- جانب تون جيڏو، آهين شان شعور سين،
مون تي ڪَر، منهنجا پرين! توهه تُسي تيڏو،
اي ڪاملَ ڪَرم ڪيڏو؟ جيئن نوازيم نگاهه سـ

*　　*

٢- صاحب! تنهنجي صاحبي، عجب جهڙي آهـ
وڏي سگهه سَنديا‌ه، پاڪ وهيڻو آهين.

*　　*

٣- وڏي سگهه سنديا‌ء، باجهه پرٻو آهين،
مون تان مهر مَ لاهه، آءٌ تنهنجي آهيان.

*　　*

٤- قادر قدرت منجهه سمايو،
بي رنگيءَ هي رنگ رچايو،
چيتن جا چمڪارا- قدرت وارا.

(بيوس)

توهه = نوازش، تُسي = راضي ٿي.

ڪلام!

سنڌڙيءَ جا او سنت سونهارا- ڪنور رام پيارا،
هر هنڌ تنهنجا ميلا لڳن ٿا- ڀيلي ڀڳڙيءَ وارا.

١- ڀوڄن ڀوڄاري ڀڄن سان تو ٿي پرميشور کي پاتو،
خلق جي خدمت ۾ تو سالڪ، خالق سهي سڃاتو.
درد ڀرين جا سانديهڙا دل ۾، ڏين ڏکين جا دلارا.
سنڌڙيءَ جا ... ...

٢- مٺڙا مٺڙا راڳ تو ڳائي، راول کي ريجهايو،
يار ڪنور تنهنجا ٻول ٻڌڻ لاءِ هرڪو ڀڄندو آيو،
عشق جو آواز الاهي، ٻرهه سندا وسڪارا.
سنڌڙيءَ جا ... ...

٣- جننا جي ڪلياڻ جي ڪاڻ، پاڻ ڪيئه قربان،
پَرَ لاءِ جيڪي مري ٿا جاڻن، تن جو اوچو شان،
مهر ميا جا، دان ديا جا ڪوليئه دلبر دوارا.
سنڌڙيءَ جا ... .

٤- آهي سڀ ۾ سائيو ساجن، سڪ سان تو سمجهايو،
اوچ ليچ جو ڀيد ڀُلائي، سڀ کي ڳلي لڳايو،
تنهنجو نينهن نرالو جڳ ۾، تنهنجا رنگ نيارا.
سنڌڙيءَ جا ... .

٥- درويشن جو درجو پائُي، لعل سان لِنوَ لائي،
ڪلندي ڪلندي هوت هليو ويو، جيون جوت جڳائي،
مرڻ ڪنا تون اڳي مري ويو، صوفي صاف سچيارا.
سنڌڙيءَ جا ... ...

ڏوھيڙا!

۱- ٻوڇا پاڻ پڄن آراڏن،
سمورن کي ڪر ترڪ صفا،
مندر جي ڪوني ۾ ٻوري در،
ڪنهنجي تو ڪرين ٻوڇا؟

*　　*

۲- الذڪار ۾ پنهنجي منهن ٻيڙ،
پڳتيءَ ۾ آهين غلطان،
کول اکيون ۽ جاچ ته ڪر ڪا،
ڪٿي رهيو تنهنجو ڀڳوان؟

*　　*

۳- هو نه وڃي اُن جاءِ رسيو،
جتي هاري ڌرتي کيڙي ٿو
جتي مزور پٿر ڦوڙي ٿو
ٽوڙي ۽ گڏ ميڙي ٿو

*　　*

۴- تتيءَ ٿڌيءَ ۾ وستر ڌڌڙيل،
سينجي سان ٿو ڪم ڪري،
ويس ڇڏي تون پڻ هن وانگر،
آءُ مٽيءَ ۾ پير پري.

*　　*

۵- مڪتي مڪتي ڪٿ پائيندين،
مڪتي آهي ڪهڙي ٻارِ؟
مالڪ پاڻ ٻڌو بندڻن ۾،
آهي اسانجو هردم يار.

كلام !

سهاڳڻ سائي،
جنهن کي پرڻ پنهنجو ڪيو
او سکي! جنهن کي پرڻ پنهنجو ڪيو.

١- هار سينگار ٻنا ئي سڄڻ کي،
پيئڙ سا پائي-
جنهن کي پرڻ پنهنجو ڪيو.

٢- راڻين جي سا راڻي سڏجي،
وڏي وڏيائي،

٣- جاڳي ڪري ٿي جڳ سان ڙي جيڏيون،
جيئڙي جدائي،
جنهن کي پرڻ پنهنجو ڪيو.

٤- ماري ڪڍي ٿي پنهنجي من مون،
ٻي سڀ ڀيائي،
جنهن کي پرڻ پنهنجو ڪيو.

٥- ملي رهي ٿي محب مٺي سان،
سامي سدائين.
جنهن کي پرڻ پنهنجو ڪيو.
او سکي! جنهن کي پرڻ پنهنجو ڪيو.

سلوڪ!

١- سهسين ڪَنِ سينگارُ، سهاڳڻ ڪا هڪڙي
پاتو جنهن پريت سان، حليميءَ جو هارُ،
چڙهي سگهيت سيج لي، پيئي نِت پيارُ،
پيون سڀ تين خوارُ، **ساهي** سڪ وَرائي سڪ

* *

٢- سهاڳڻ سائي، ڪانڌُ جنهين جي ڪيچ م،
ممتا ميل اندر ۾ رکي نه رائي،
ساهي سدائين، پاڪي منجهه پئي رهي،

* *

٣- جا شَهُ کي ريجهائي، آهه سهاڳڻ سا چوان،
اُتي وهي آگيا ۾، آگيا ۾ ڪائي،
ڪدي پاڻ ادب سان، رهي لِنوَ لائي،
سهجي سا پائي، **ساهي** سُک سهاڳ جو

* *

٤- جنهن مَن ڏنئي، پرين ريجهايو پانهنجو،
سا سهجي سهاڳڻ ٿِي، پرين گل پيئي،
مَمَن ساڻ موه ڏي، سرليون سيئي،
تارياڻين پيئي، **ساهي** پيڪا ساهرا.

شَهُ = پيار.

ڪلام!

ساڌوءَ جو اُپڪار ڪھڙو ڳُٽيان مکہ سان،
ٻولي امرت سار ڪھڙو ڳُٽيان مکہ سان،
انيوءَ رُوپ اُپار ڪھڙو ڳُٽيان مکہ سان.

١- ساڌو جن سنسار ۾، آھي ٻوجھ جوڳہ،
ساکي سار سروپ تي يوڳي يوڳہ ايوڳہ،
ساڌو جن سچيار، ڪھڙو ڳُٽيان مکہ سان،
ساڌوءَ جو اُپڪار... ... ...

٢- وينا سودي سار جو، هر جن هُت ٻُڌي،
وني کو وبساھ سان، **ساھي** سِر سڌي،
وديا جو واپار، ڪھڙو ڳُٽيان مکہ سان،
ساڌوءَ جو اُپڪار... ... ...

٣- اَنيڪ جي آڪاس ۾، کليو بيحد باغُ،
ساھي گل سڀ رنگہ جا، ڀڳت جوڳہ وراڳہ،
ٻوڙن ٻرہم خمار، ڪھڙو ڳُٽيان مکہ سان.
ساڌوءَ جو اُپڪار... ... .

سلوڪ !

١- اَنَن اُپڪاري ساڌو جَنَ سنسار ۾،
ڏيئي ڏيرَ ڌرمَ جي ممتا جن ماري،
ساري وِس تاري، جوڙي جهاز ڀڳت جو.

* *

٢- ڪيڏي وڏائي، ڳڻيان سنت ديال جي،
ملي جنهن مرد سان، اَپڻو مَت آئي،
ساهي سمائي، ڄاڻا سڀ نرواڻ ۾.

* *

٣- سنتن ڪيئو هُتُ، سوڌي ۽ سار جو،
سَمِ رکيائون نڪري، سَمِ رکيائون وُتُ،
اچي جو جگياسو چڙي ڪوڙ ڪَمُتُ،
تنهن کي سِرَ سان مَتُ **ساهي** ڏوري ڏين.

* *

٤- اهڙي ڪير ڪري، **ساهي** بنا ستگروءَ،
ڀڳتِ جوڳ ويراڳ جا ڏَئي ڀنڊار ڀري،
اَنيڪ جوت اندر ۾ ٿئي سُنهِ سڌِ ٻري،
ٻَلَڪَ نہ ٿئي ٻري، رمتا رام اکين ڪون.

كلام!

ٻڪي ھڄيئي ڪري ڇڏ يار جي حوالي،
تنھنجون مڙئي خوشيون غم پاڻ پيو سنڀالي.
١- جنھن لاءِ غاص پنھنجو ڌاريو نه ڪو دنيا ۾،
حيتي ڪي ھڪ سريڪو جيڪو پيار سان ٿو پالي.
٢- ڌرتي نه بار لڳندءِ نڪي آسمان ڳؤرو
ھنجو ٻڌي ھميشه جڳ ۾ ڏسين جي جالي.
٣- تنھنجيءَ ڪستيءَ پڪيءَ جو ھر ڪو حساب جنھن وٽ،
بيزار ٿيءُ نه تنھن کان، ٿوڙي ڪٽي ڏمالي.
٤- وھم گمان دل جا، جنھن دم ويا دڪايل،
ھيٺو ڪيو نه ھرگز ڪنھن ڪشت يا ڪشالي.

* *

شڪر منھنجا سائين، جيئن تون ھلائين،
جيئن تون ھلائين، وڏو وس وارو آھين.
١- لڏھنجي ھمت ۾ ڏوري، ڪھڙي ھلندي زوري،
جيڏانھن تون ڦيرائين، ڏاڍو زوراور آھين.
شڪر .. ..
٢- ڪٿ تي وھارين يا پٽ تي وھارين،
مان ڪي وڌائين يا شان ڪي گھٽائين. شڪر منھنجا...
٣- ھٿي لکيل داٽو ڪھڙو ڪريان ماٽو،
جيئن تون ڪارائين اتي پيو پھچائين. شڪر ....
٤- مرغي لا گھمڻ جي، چمڙو نا چرڻ جي،
ڪيئن پيو گھمائين، سڀ سمجھان ٿو سائين. شڪر....

ڏوهيڙا!

۱- پاڻ کي پنهنجي ڪانهن لئي ڪيئن سگهيس مورک
پنهنجي در تي تو اچين بکيا لاءِ بيکاري بڻ
بار بوجا سڀ ڪري هن جي حوالي هل اڳ
ٻار ٻوجا سڀ سهي ويندو جو تيو جڳ جو

* *

۲- جيڪي منجهه جهان، سو ٿاريءَ لڳي ٿنهنجي
لطف جي **لطيف** چوي تو وٽ ڪمي ڪا
عدل ڇتان آءُ ٿا، ڪو ٿيرو ڪج فضل جو

* *

۳- تون ئي منهنجو آسرو، تون ئي منهنجو آڌ
ساري جڳ جو بار کڻي تون، منهنجو ٻيءِ

* *

۴- داتا! تون مَ ڇڏيج، مٿان جيئان ٿنهنجي
سيئي پاڙون سوڊ جون، هڪ لحضي منجهه
هڪ تون نه مُمهن مَٽيج، ٻيو مُلڪ مَٽيو تا

* *

۵- ڇڳن سان ڇڳايون، ائين سيڪو هوءِ،
تو جيئن ڪري نه ڪوءِ، ٻُڇڙن سان ڀلايو

* *

۶- ٻرپان سندي ٻار جي، مڙهئي مناڻي،
ڪانهي ڪڙائي، ڇڪين جي چيت سين

ڪلام!

ڪين ڏٺوسين ڄڳ ۾ جيڏيون عشق ھڙو آزار.

١- منصور جهڙا ڪيئي مستانا- سوريءَ تي ھسوار،
دوا درمل ناھي اُنهن جو برھ سندا بيزار.

٢- بئي نه جهان ڇڏي هليا ويا عشق ڪري اختيار،
بيدل وحدت وچ بازار ۾ روئندا زارون زار.

* *

عجيبن جي عجب ياري، ڪڏهن ڪهڙا ڪڏهن ڪهڙا.
آهن مستان خود خيالي، ڪڏهن ڪهڙا ڪڏهن ڪهڙا.

١- ڪڏهن پرم وهارين ٿا، ڪڏهن در تان ڌڪارين ٿا،
وهارين ٿا، ڌڪارين ٿا، ڪڏهن ڪهڙا ڪڏهن ڪهڙا.

٢- ڪڏهن شوخي ڪڏهن شفقت،
ڪڏهن ماٺو ڪڏهن محبت،
ڪڏهن دوري ڪڏهن محبت،
ڪڏهن ڪهڙا ڪڏهن ڪهڙا!

٣- ڪڏهن دلڙي ڏٺارين ٿا،
ڪڏهن دل تون ڌڪارين ٿا،
ڏٺارن ٿا، ڌڪارين ٿا،
ڪڏهن ڪهڙا ڪڏهن ڪهڙا!

٤- ڪڏهن ٿا ڪن وفاداري،
ڪڏهن **ڪوجهي** جفا بازي،
وفاداري- جفا بازي- ڪڏهن ڪهڙا ڪڏهن ڪهڙا!

ڏوھيڙا!

١- اِڪ جو سھڻا، ٻيا دل دا ڏاڍا تيجي ئي ٻيڙ
آھ ڪريان تان جڳھ ملي ڪوڪان داد نہ پا
حاڪم ھووان حڪم چلاوان عشق اجاري
جو ڪوئي عشق نہ ڄاڻي مٿن تو اُسڪو قتل ڪ

*　　*

٢- نہ مون سڌ نہ سار، اڃي عشق اُٿاريم اوچتو
روحل ڇوي روح ۾ ٻيلي پرينءَ جي پچار
سي اگڻ ايندا سپرين ياد ڪندين ٿي يار
ٿون نيڻن ٺار، ڏسي منھن محبوب جو.

*　　*

٣- منھنجو يار آھي ھيئن تہ ڪنھن مھل ڪ
گھڙيءَ گھڙيءَ مان ھسندو ڏسانءِ،
ريءَ ٻھاني رسند
ڪاٿيءَ ھيٺان کسندو ڏسانءِ،
رنج نہ پائنج ھيئن تہ ڪنھن مھل ڪ

(حاجي

ڪلام!

محبوب ڳولي ڏس من ۾، معشوق ڳولي ڏس منَ ۾.
١- واهه ڪاريگر ساز بڻايئه، ڪُنِ فيڪون جي ڪُنَ ۾.
٢- ٻي فائدو بازار گهمڻ تو، گل قل باغ بدن ۾.
٣- چوريءَ چوريءَ سير ڪرڻ تو، تنهنجو چاند چمن ۾.
٤- سوس ڪري سينگار سڄڻ اڄ، دوست آيو درسن ۾.
٥. دلبر ديرو دائم دل ۾، ڇو ديکين ٻئي درپن ۾.
٦- **سچل** سائين سڃيح ڪري ڄاتم، يار گڏيو ڪکڻ ۾.

* *

آهي سڄڻ منهنجو آهي - آهي - آهي
ٻلا ڪيئن مان چوان منهنجو ناهي - آهي ... ...
١- گهر نه مليئي، ڳول ليئي، ڪڙڪائڻ سان در ٻي کليئي،
ويهه آس اُميد نه لاهي - آهي سڄڻ . .. ...
٢- اوڏو اکين ڪان، ويجهو وڻين ڪان
دور نه آهي دور ولدين ڪان،
او وچ ڪين تون ڪلڻيءَ ڪاهي - آهي سڄڻ ..
٣- حرفت سان همت ڪين ڪي اينديءَ،
ٻرڻ م ٻرلتم ٻمهنجو ٿيندءُ،
ڏاو ڏُس مونکي اهو ڏاهي - آهي سڄڻ ... ...
٤- ٻاڻ ئي چاڙهي، ٻاڻ ئي لاهي،
ٻاڻ ئي ناهي، ٻاڻ ئي داهي،
او منهنجو سائين ڪري جيئن چاهي-
آهي سڄڻ منهنجو آهي... ... ...

(رام پنجواڻي)

ڏوهيڙا!

۱- وڃين ڇو وڻڪار، هيت نه ڳولين هوت ڪي...
لڪو ڪين لطيف چوي، ٻارو ڇو ٻيءَ پار...
تيءَ ستي ٻُڌ سندرو، ٻرت ٻنهل سين ٻار...
نائين نجڻ نهار، تو ۾ ڏيرو دوست جو.

* *

۲- سوئي هيڏي، سوئي هوڏي، سوئي من وسـ...
سوئي سو پسي، نت لنهين جي سوجهري...

* *

۳- ٻري نهارڻ ٻرينءَ کي، اهو جتن سندو جا...
سائين تو ئي ساڻ، راليان ڏينهان **روحل**...

* *

۴- وو هي صورت عين کي، وو هي صورت...
سچن نقطا دور ڪرِ، رهي عين کي ع...

* *

۵- وسين ويجهو وتين ۾ تو، ٻرين ٻرڏو ور...
ٻٽي خود ٻران ٻرانن جو، وڇون ويڇو ور...
جگر ۾ جاءِ خود جوڙي، ٻيائيءَ کي ڇڏ...
ڪري دل ۾ اندر ڏيرو، ڏوئي ڏوڪو ور...
هتي ناهين، ڪتي ناهين، هينئر ناهين، ڪ...
جي ڳل ناهين ته هڏ ناهين، ملڻ موقعو و...
جڳت جي آد ڪان اڳ تي چڪي،
"تو-مون -...
نئين سر نئل ملڻ جو، سچو سعيو ور...

ڪلام!

او ڇَل پنھنجو پرين موٽڪي ڪن،
آءُ لماڻي عيبن ھاڻي - ڏوھہ ڪين ڏسن - او ڇل ...

١- نظر ڪمدا ڪنھن ڏينھن نڌر تي،
ويٺڙي آھيان مان تن جي در تي،
پيا در ڏيئي ٻن - او ڇل ... ...

٢- ذات پڌايان پنھنجي مان ڪھڙي؟
آءُ ٿہ اُنھن جي جھڙي تھڙي،
ترس ڪو پوندو تن - او ڇل ... .

٣- **روچل** ڪھڙي ڪمي سخيءَ وٽ،
ڪين گھرن تا ڪنھنڪي ھو گھٽ،
او - ڏيندا ڏاڻ ڏڏن - او ڇل .. ..

* *

بانھن ڏيئي موٽڪي تاريندا،
وچ سير مان پار اُڪاريندا.

١- ھيءَ ٻِر ھوھہ ٻِر جاڻو سياڻو،
وانجھي واجھہ ھاڪاريندا - بانھن ڏيئي ...

٢- موج لکي مھراڻ جي آھي،
بيڙو ٻني سان لائيندا، بانھن ڏيئي ...

٣- ٻڌڻ ناھي منھنجي پاند ۾،
پاڻيھي پار پڄائيندا - بانھن ڏيئي ...

٤- **روچل** راھہ اٽانڪي آھي،
رھبر راھہ رسائيندا - بانھن ڏيئي ...

ڏوهيڙا!

١- جاڻين نہ ٻہ نہ ڄاڻ، ايءَ ڏر ابوجهن جو،
لڄ ڏر سي ئي اگهيا، جن نہ پانيو پاڻ،
ريجهائڻو راڄاڻ، آهي ابوجهن جو.

* *

٢- ذات نہ آهي ذات لئي، جو وڃي سو لهي،
آريون ابوجهن جون، سڀڙ ڄام سهي،
جو راهَ وٽ رهي، تهه جڳي لاڻ نہ ٿيي.

* *

٣- سنگر جهڙو ڪاهہ، ڪولہ ڏٿوسين ڪاٿهين،
پرچي ڏٿو جنهن پوربي، آلم ڏن اتاهہ،
نڪا پڇيائين ذات پات، نڪا پڇيائون را
ڪري من اڇاهہ، ساهي ڇڏيائين ڇن ۾.

* *

٤- پند ڪرڻ مونکان پڇي، واٽ وٺي هل ڏ
باجهہ پرپا پل تون، هن بيوس ءَ بي زور

* *

٥- پار وڃڻ لاءِ پتڻ تي ڳوليان،
پتڻ آهين بابا پاڻ هو- پاڻ هو.
وچ سير پاڻي لالگها
وڃڻ جا رستا اٽانگا
آهي ڪندم اچي پار هو- پار هو.
پار وڃڻ لاهہ پتڻ تي ڳوليان

كلام!

منهنجا ڪامل يار ملاح، ٻيڙي منهنجي پار لڳاءِ.

١- آئي آهيان تنهنجي دئاري،
ٻيڙي آهيان سائين تنهنجي پناري،
تون ئي وسيلو، تون منهنجي واهه.
منهنجا ڪامل ... .

٢- تون ئي دالا داور آهين،
منهنجي سڪن جو ساگر آهين،
تون ئي منهنجي پشت پناهه - منهنجا ڪامل ..

٣- مون ۾ آهن لک برائيون،
منهنجون اڇي ڏيک ڏيو ل ڀلائيون.
بخش بديون سڀ ڏوهه گناهه -
منهنجا ڪامل .. ..

٤- دک ڏي چل آءِ سک ڇايا،
جوڻي وفا هيءَ جڳ جي مايا،
تون ئي سچو هڪ شاهن شاهه -
منهنجا ڪامل ... ...

* *

منهنجي ٻيڙي تار پاتڻي،
ٻيڙي آڻج سنڌ ڪنار، پاتڻي! منهنجي ٻيڙي تار

١- ٻيڙيءَ جا سڀ سنج پراڻا، ويتر وير ڪيا اگر ساڻا.
ويجهو ساحل وار! پاتڻي منهنجي ... ...

٢- ونجهه هلائي آهه نه جاڻان، واءُ سڻائو ڪين سڃاڻان،
ڪنهن توري ڪر پار! پاتڻي! منهنجي ... ...

٣- عرض دکايل جاڻ اگهاڻا، آيا اجهي منهنجا مير مهاڻا،
حاصل همت نه هار! پاتڻي منهنجي ... ...

ڏوهيڙا!

١- تو در آيس راڄيا، ھڙو وڻي حال،
اوناٿج عليل جو، سائين لڳہ سوال،
پلا ڪرين پال، پرين پانڌ پيغار جو.

*　　*

٢- آڌو چڪرِ چاڙ، موج نہ سھي مڪڙي،
ميري منڌاين جا، بيحد چاڙھيم بار،
چوڙ چارو لاھِ ڪو، بديون بي شمار،
ڪپر ڪارو ايار، اُڪارين احسان سين.

*　　•

٣- لطف سان پار لنگھائج او بيڙي وارا،
بيڙي تنھنجي ٻاجھ جي، اوگڻ تون نہ
لکيون لھرون تيز لڳن تيون، پڇج تون
پند ڪري مان ٽڪي آھيان، رحم جو پا
نوري لماڻي ھڪ آسرو تنھنجو ٻور ٻنڌ

ڪلام!

اداري عمر منهنجا پائو، ڳالهيون ڳڻ ڳوٺ ڳائيندس،

١- هِتون ويندس وڃي ڏيندس سُکا ساري مان پيرن کي،
پري مان پاند پيرن جو، ڳليِن تي وڇائيندس.

٢- اسين مارو ولر چاريون، ٻاهيون ٻاري ولر واريون،
ڇيلا ڇيليون عمر تنهنجا، آءُ ننڍڙا ڪري نپائيندس.

٣- جيتر هوندس عمر تو وٽ، متو مان مور نه ڌوئيندس،
جي چوندين ڪَرُ ڏي وارن کي، ويتر واري وسائيندس

٤- چوي **شبرل** عدل ٿيندو، ظلم ۽ زور ڪم نه ايندو،
اهي انصاف عمر تنهنجا، وڃي وڙهيچن کي سڻائيندس.

* *

ڪلام!

واريءَ منجهه جايس الا، ڏارين وٽ آيس آلا،
آئي مٺن ماروئڙن ماٺيو ڪونه مڪو،
سٺن سانگيڙن ماٺيو چو نه مڪو؟

١- الدر ۽ آهي اولڙو، گهاريءَ منجهه گهايس الا-
مٺن ماروئڙن ... .

٢- ڏونڻي ڏلي ڏينهڙا ٿيا، سورن سيبايس الا-
مٺن ماروئڙن ... ...

٣- ڊولڻ مارن سان ملان، آس اهائي بس الا-
مٺن ماروئڙن .. ..

* *

ڏوهيڙا!

١- جنهن ڳنڍيون منجهه ڳنڍيون، تنهن مون منهن ماروئڙن
ڏنيون لسَ لطيف چئي، هينئڙي کي همير
وڃي منجهه ملير، سڀ ڇوڙيندس سومرا

٭ ٭

٢- اهي ٻُڌا ٻاڪارين، ڇيلا کنهن نه ڇوڙيا،
ڪيو منهن ملير ڏي، اهي اُيا اوڳارين،
مونکي سانگي تا سارين، جن هيرايم هنج

٭ ٭

٣- منهن منهنجو، سومرا! مُرُ ميروئي هوءِ!
متان مارو چوءِ، ته ڌوتيءِ ڌو راڻين ۾

٭ ٭

٤- چُرن چُٽڪن چت ۾، سدا منجهه سرير،
لڌي ڪنهن لوه ويا، مارو منجهه ملير.
ويٺي پوجيان پير، مان ملنئين ڪڏهين،

٭ ٭

٥- ويا ڳُٺن سانڍ، ماروئڙا تر اکري،
ن ڀڄاڻان هاڻ، آئون جاڙَ جيان ٿي جـ

---

(١) لسَ= لسيون ڳنڍيون (٢) ڌو راڻين=
(٣) جاڙ= اجايو، غذاب ۾

ڪلام!

عشق جي جوڙي ڪميار ميان، عشق ۾ مزو ڏٺو سين،
سؤ سؤ ڪڍهن سينگار ٿيا،
ڪڍي چور ٿيندو ڏٺو سين.
۱- عشق اندر باغ ڦريا، گلن سندا گلزار ٿيا،
هٽي ٽبي اونهي اندر، باروچل بارو ڏٺو سين.
۲- عشق اندر عجب نظارا، نديون نارا سمنڊ ڪارا،
مرشد وسايا مينگهه ملهارا، اهو نظارو ڏٺو سين.
۳- دم دم سائين آخر ڏيرو،
وڃي ٿيو عشق مجهه ڦيرو،
طالب سڪ سجڻ هٿي، ورلدو ڪوله ڏٺو سين.

* *

عشق جو پنلو ٿو لڳي- محبت جي ميدان ۾.
۱- ڪير نڀائي، ڪير ڪڍائي، ڏُس تہ ڏي ڪواڇي.
۲- پاڻ اُنائي ٻير ٻرهت جا، بازِن ڪان ٿو ٻڄي.
۳- يار ڪٺي سِر ٻاري ٻرهہ جو، رڱَڻ ۾ ٿو رڇي.
۴- **هادي بخش** هستي ماري، مستيءَ ۾ ٿو نڇي.

ڏوهيڙا!

١- مٿيءَ جا بت ٻڻن ٿا، مٿيءَ لئي ناز ڪن
مٿي ٿي مار ڪائي، مٿي ٻڻيو آ مٽڪو،
هيءَ راند عمر ساري، اٿيئي چل ٻل جو
(سوامي

* *

٢- ڪٿهن ڳاڙهو ڳهوت، ڪٿهن مڙهه مقام
سندو واريءَ ڪوت، اڏيو اڏبو ڪيترو

* *

٣- لهه ڳوڻ اندر ۾ ڳولهي - جتي يار ٿو ٻو
ٻاري آڳ عشق جي، ڏيهيءَ ۾ ڏس ڏ

* *

٤- اسين سڪون جن ڪي، سي اسين ٻاڻ
هاڻي وچ ڳمان، سهي سڃاڻا سپرين.

* *

٥- حقيقت هڻي منهنجي جان جدا ڪ
هيڪو پساهه ٻرينءَ ري، سگهان ڏان
ڏڻي ٿي ڏڻي، رهيو آهي روح ۾.

ڪلام!

هريءَ جي چرڻن ۾ چت لاءِ، پريوءَ جي چرڻن ۾ چت لاءِ.
مشت نه پنهنجي مورکه من کي، ڀرمن ۾ ڀٽڪاءِ
١- ٻاپڻ ۾ ڪر عمر نه پوري، جڳ جي جوڻي رهت سموري،
سچ جو سودو ڪر تون سالڪ، مور نه کوڙ ڪماءِ.
٢- لڌي يا تن کهڙي ڪم آيو؟ ڪر نه اَدا! اَيمان اَجايو،
نوڙت سکه، ٿيءُ ٻار نماڻو، ٻاند ٻڳيءَ ۾ پاءِ.
٣- چت ۾ هردم چور وسي ٿو، اولڌهه واري وات ڏسي ٿو،
پر تون روشن راهن ڏي ٿي، من جي واڳ وراءِ.
٤- ڇو ٿو رڪ ۾ ٻاڪ رُلائين؟ ٻوند ٻوند لاءِ ڇو واجهائين؟
رام نام جي اوجل جل سان، پنهنجي پياس مٽاءِ.
٥- نام سمرڻ صبح سويري، نام ٻنا دکه دل کي گهيري.
ڪام ڪروڌ ۽ لوڀ موهه ٿا، جوڙن جيءَ ۾ جاءِ،
هريءَ جي چرڻن ۾ چت لاءِ!

* *

تيرٿ ڪير ڪري؟

او ڀائي ڙي، تيرٿ ڪير ڪري؟
١- من ۾ متڙا، من ۾ ڪاشي، ڏس تون ڌيان ڌري،
٢- من ۾ مندر، من ۾ مورت، من ۾ جوت جري.
٣- دل ۾ دلبر جو آ ديرو، پريتم ناهي پري.
٤- ٻاهر ڀٽڪي جو جُن، سو ٿي ٽيٽي لوڪ ٽري،
او ڀائي ڙي، تيرٿ ڪير ڪري؟

(گوورڌن پارٽي)

ڏوهيڙا!

١- مانڪ ڏيهه اُتم، ڪنهن ٻالڪ ٻورڻ پيچ لي.

ساهي چوي تنهنجو، رک من ڀرم،
آتي ٻي قيمت جو، هڪڙو ڏم،
ڇڏي ڪلپت ڪرم، جاڳي جپج نام کي.

*　*

٢- ناحق وڃائين تون، مورک مانڪ ڏيهه کي،
ساهي سنتن سان ملي، ليکي نه لائين،
جاڳي ست سنسار کي، روئين ۽ ڪائين،
پڪ پري لائين، تو مٿي پنهنجي منهن مر.

*　*

٣- ڪنهن ورلي کي آهي، قدر مانڪ ڏيهه جو
ڏنو جنهن گر گيات سان، منهن موڙهي ۽ ٻائي
ممتا مٽائي، سکي ٿيو **ساهي** چئي.

*　*

٤- لون ۽ لون جي وچ ۾ جهم رهيا،
الٽا برهه ٻچايئه ڪيئون؟
دلپت دم جدا نهين تو کان،
وصل وڇوڙا آکيئه ڪيئون؟

*　*

٥- ٻي فائدو بازار گهمين تون، گل ڦل باغ بد
دلبر ديرو دائم دل ۾، چو ڏيکين ٻئي
سچل سائين سڀ ڪري جاتم، يار گڏيو

ڪلام!

ڄن جي سڪڙي اندر ۾، سانگي شال ملن،
اندر آتش جيجل محبت مچ تا ٻرن.
١- ٻرهه ڀڀيران جو لاٽم، لاٽم عشق اوتاڪون،
نيڻن ننڊڙي ويئي،
ڇڏيم طعام ٽڏهانڪو سانگي شال ملن
٢- ٻچي ٻانهڻ ٻاوا ٻوٽيون ٻتايم،
ٻون ٻل ٻل ٻور اندر اُليلا آٿن- سانگي شال ملن.
٣- **ڪيئل** اُميدان اچڻ جون، اندر منجهه اُڪير،
انهندا دکڙا ڪتيندا، وهندم غم غريب-
سانگي شال ملن.

* *

سڄڻ ريءَ ٿي سڪان، محبت ماري آهيان.
١- ڪٺمديس خان ٻنهل ڏي مان، وحدت واريون وڪان
٢- ڪاغذ ڪيچ ڏٽيءَ ڏي مان، روبو روبو لکان.
٣- دل ۾ دلبر يار جا مان، سبق وٺي سکان.
- ليڪهن **بيدل** اروار ڪيو، هاٿي ڪاڏي لکان.

ڏوھيڙا!

١- نہ مون سڌ نہ سار، اچي عشق اُتاريم اوچتو
روحل چوي روح ۾ پرينءَ جي پچار،
سي اڳڻ ايندا سپرين، ياد ڪندين يار،
تون نيڻن نار، ڏسي منھن محبوب جو.

*　　*

٢- جي ليلائي نہ لهين، تہ پڻ ليلا نہ ڇڏ،
آسرو مَ لاهيج، سڄڻ ڀاڄهيندو ڳهڻو.

*　　*

٣- عاشقن الله جي، سدا وائي وات،
اُن ڪان ڪانہ سانت، سڄڻ ويل نہ وسري

*　　*

٤- سُگهڻ سُڌِ نہ سور جي، گهايل ڪيئن گها
پِيُل پاسو پَٽ تان، واڀوڙ نہ وَرائين،
پُرَ ۾ پَچَنِ پرينءَ لاءِ، هيءَ! هنجون هاري
سڄڻ جي سارين، تَنِ رويو وهامي راتڙي

*　　*

٥- سڪڻ ۽ سوري، ٻئي اڪر هڪڙي،
وهڻ واٽڙين تي، ڪارڻ ضروري،
پرين جي پوري، جيءَ ڏئي ري نہ ٿئي

كلام!

اڃا تہ منزل دور ٻڌائڻي! اَڃا تہ منزل دور.

١- هڪ اڻ تارو، ٻي تَرَ هلڪي،
هٿڙا هڻي ويٺي ڏڪيان ڏڪيان،
ونجهہ وسيلو ناهي مٺيءَ جو،
ڀَڳِهہ ٻڏا ڪيئن ڇڪيان ڇڪيان؟
جلدو جيءَ تو وڃي وهلور، ٻڌائڻي اڃا تہ منزل دور.

٢- نيڻ نهارن هنجون هارن،
ساري ساجن سڪان سڪان،
واءُ ڪٽي جي نئي تو ٻڙ ڏي،
اڳيان ڪنارو ڏئي تو ٻڪان ٻڪان،
ڪيو ويڙ ڇڏي مجبور، ٻڌائڻي! اڃا تہ منزل دور.

٣- تو ٻن مُٺيءَ جو ڪير دڪابل؟
ڪنهنجي ٻڌاري لڳان لڳان،
ڪيئي جنم منهنجا لڙهندي گذريا،
رکو آس رکي تي ڏڳان ڏڳان،
هڏي ٻار وسي من ٻور، ٻڌائڻي! اڃا تہ منزل دور.

ڏوهيڙا!

۱- ڪي تران ڪي تار مون،
ڪي سگهان ڪي سُگهـ
آڏو ڏاڍ مَ لڳُن، مون هيڪليءَ، وَلها.

* *

۲- سهڻا ڪنگ درياهه جا، اُچڙو سنڌن ويس
پَهن ڪڙي مان نهاريان، سانول سندو ديس

* *

۳- ڪارو اُپ ڪڪرن ڪيو، لٿو وايون
هيٺ مٿي پاڻي وسي، ڪري دانهون

* *

۴- گهڙيا سي چڙهيا، اُئين آڻيئي،
مُنهن مٿي مهراڻ ۾، پُنهُ ٿيو ڏيئي،
تہ ميهار ملبيئي، سنڌُوڙو سيڻاهه سيئن.

ڪلام!

ٽڙي پوندا ٽارئين جڏهن ڳاڙها گل،
اَلو ميان! تڏهن ملنداسين.
١- او-او جڏهن ورنديون ڪونجڙيون،
هر هر ڪري، هر هر ڪري هُلَ
اَلو ميان! تڏهن ملنداسين.
٢- او-او-ڳَنِ ڳوڙها ٽمندا
جڏهن موتين، جڏهن موتين ٽُلَ اَلو ميان تڏهن ملنداسين
٣- او-او وڇوڙي جا ڏينهڙا
پورائيءَ جيء پورائيءَ جي پُلَ اَلو ميان
تڏهن ملنداسين

*　*

١- اَڙي چنڊ! اَڙي چنڊ! پرين تو نه ڏٺو ناهي،
سندس روپ سندس رنگ، اُنين آهي جيئن تون.
٢- اَڙي رات! اَڙي رات! پرين تو نه ڏٺو ناهي،
سندس وار سندس وُنگ، اُنين آهي جيئن تون.
٣- اَڙي ڦول! اَڙي ڦول! پرين تو نه ڏٺو ناهي،
سندس سات سندس سنگ، اُنين آهي جيئن تون.
٤- اَڙي هيرا! اَڙي هيرا! پرين تو نه ڏٺو ناهي،
سندس سات سندس سنگ، اُنين آهي جيئن تون.
٥- اَڙي نانگ! اَڙي نانگ! پرين تو نه ڏٺو ناهي،
سندس ڏاهه سندس ڏنگ اُنين آهي جيئن تون.

(شيخ آياز)

ڏوهيڙا!

١- پلا پرين! توکي اتين مناسب نه هوءِ،
لائي چت چريو ڪري، پاڻ ڪيڏي وئين
توڙي حب نه هوءِ، ته به هوت نه ڪجن

*　　　*

٢- سور وراهيا سرتيون، جي ورهايا وچن،
بيون ڪوهه ٻجهن، جن سندا لِن سامهان

*　　　*

٣- مُٺ مُٺ سورن سيڪنهين،
پر موں وت وتاڻ،
پُريون ڪيو پُران، ويا وهائو نڪري.

*　　　*

٤- پيشانيءَ مِ پرتيءَ جي، پلانيءَ جا پيرَ
اڳڻ اُڪنديں جي، ڏي پابوهي پير،
قمر پاڙي ڪير، شمس سُپرين سين.

*　　　*

٥- چنڊ! لهجي ذات، پاڙيان لاں نه پرين
لون اُچو م رات، سڄڻ لِتُ سوجهر

غزل !

أَلا! اِئين نہ ٿئي جو ڪتابن ۾ پڙهجي،
نہ هئي سنڌ ۽ سنڌ وارن جي ٻولي!

١- نئين آهِ نِتُ ناز وارن جي ٻولي،
نگاهن أدائن، اِشارن جي ٻولي!

٢- نہ سمجهي سگهيو ڪوئي حسن دارن،
تمنا پري لينهن وارن جي ٻولي!

٣- مٺي آهِ ڪوئل جي ڪوڪو مٺي آهِ،
مٺي آهي سچ ٻي قرارن جي ٻولي!

٤- لکيل چاهي لالا جي هرهڪ ورق تي،
پڙهي پي ڪوئي داغدارن جي ٻولي!

- مٺيءَ جي ڏرن جو تہ ڪجهہ راز سَل ٿو ن،
ڏکي ناهي سمجهڻ ستارن جي ٻولي!

- خزان حال اوري تہ ڪنهن سان اوري،
سيئي جي سکيا بهارن جي ٻولي!

أَلا! اِئين نہ ٿئي جو ڪتابن ۾ پڙهجي،
نہ هئي سنڌ ۽ سنڌ وارن جي ٻولي!

(نارائڻ شيام)

ڏوهيڙا !

١- جهڙا سنڌي سهڻا، تهڙي سنڌ ۽ بولي،
ڏنل سنڌي ماءُ تان، مٺي هيءَ لولي،
وڃن تان گهولي، گويا پنهنجي جيجل ...

* *

٢- سنڌي آهيان، سنڌي منهنجي بولي،
ڪيئن وساريان بولي، جنهن ۾ ماءُ ڏني مو...

* *

٣- سنڌي آنهن، سنڌي ڳالهاءِ،
پنهنجي اَمڙ سان ڪين ڦٽاءِ.
بولي تنهنجي سڃاڻپ آهي،
سا تہ وسارڻ سياڻپ ناهي،
ڪجھ پنهنجي مَن کي ...
سنڌي آنهن، سنڌي ڳالهاءِ.

ڪلام!

جيئي منهنجي سنڌ، مان ته گهوريان پنهنجي جند،
پنهنجي اباڻي وطن تان،
اباڻي وطن تان - سنڌ جي چمن تان.
١- ڪيئن وساريان سنڌ جا نظارا،
ساڌ ٻيلي مهوڙي وارا،
چنڊ جون راتيون ۽ ڀرا ڏٺا،
لعل جا پنجڙا ڳائيندڙ مهاڻا - جيئي ... ...
٢- صوفين سنتن جي آهي سنڌڙي،
مست فقيرن جي آهي سنڌڙي،
شاهه سچل سامي ۽ جو جت ڏيرو،
شال وڃان اتِ آن ۽ هڪ ڀيرو - جيئي ... ...
٣- موئن جو دڙو جنهنجي نشاني،
جيڪو نه سمجهي ڪري ٿو ناداني،
جيڪو سنڌ وسارڻ چاهي،
سچو سپوت سو سنڌ جو ناهي - جيئي ... ...
٤- مارئي ۽ وانگر پيو ٻاڏايان،
اجها اباڻا شال وسايان،
جهولڻ آشا ڪندو هي ۽ پوري،
جهرلون پائيندس عمر سموري - جيئي.. .. ...

(ديپڪ آشا)

ڏوهيڙا!

١- سائين! سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سڪار،
دوست تون دلدار، عالم، سڀ آباد ڪرين

*

*

٢- سنڌ آسانجي سهڻي، سنڌ سموري سون،
صدقي **عزيز** سون، سؤ سؤ ڀيرا سنڌ تان.

*

*

٣- ڪرڻ سجدو سنڌ کي، **ناظم** ناهي ڏوهه،
هوڙهون ڪعبو ڪوهه، هيڏهون سنڌ سو...

*

*

٤- ڪڏهن ڪرندو ڪوٽ، ڪڏهن ورندو ...
هيءُ بسي ۽ ساهه گهوڙيا ان گهڙيءَ تان...

*

*

٥- وطن وڃي مارن سان ملنديس،
خوب ڪشمورن سان گڏ کلنديس،
وڙهيڻ جي وچ ۾ ويهي،
پيچنديس پاڪ پيرَ.

كلام!

اوديا - آڻ هوندو اسرار،
ڀاسي نانگ جيئن نوڙيءَ ۾ - سپني ۾ سنسار.

١- مايا مورکه کي ڀهيلائي،
هت سان هيرو جنم گنوائي،
ٻُڏو ساگر ۾ غوطا کائي - جنهن جو آر نه پار،
اوديا - آڻ هوندو اسرار.

٢- نانا روپ رچي ٿي مايا،
مايا، ساڌو سنت ڀلايا،
رچ جي رچتي، ڪلپت ڪايا - اوت نه ڪو آڌارُ،
اوديا - آڻ هوندو اسرار.

٣- مايا مورکه کي لت موهي،
ڪِن ۾ آتم ڌن هوُ کوهي،
ساهي! سارو جيون روئي - ٻوڙي دک جو بارُ،
اوديا - آڻ هوندو اسرار.

ڏوهيڙا!

١- مايا ڀُلائي، وِڌو جيءَ ڀَرَمَ ۾،
ڀاڻُ پنهنجو ڀاڻَ ۾، ويٺو وڃائي،
سڀني ۾ **ساهي** چوي، ڪوڙَ جَنمَ ڀائي،
اَوديا ڀَتُ لاهي، جاڳي ڏسي ڪين ڪي.

* *

٢- مورکه تو ماري، پنهنجي هُٿين ڀاڻ کي،
لڳي مايا موهه جي ڪوڙي ڀنوَ لاري،
ڏسي نه سار سروپ کي، **ساهي** سنڀاري،
گَهڻُ منجهه گاري، تو هيرا لعل اَڻ ملها.

* *

٣- مورکه هِٺِ هَٺِ ڪَنِ، مايا ڪارڻ من ۾،
سَتِ جاڻي سنسار کي، ڙاڙا ڏَکَ سَهنِ،
ڪاَل پنهنجي ڪنڌ تي، انڌا ڪين ڏِسـ
ساهي هليا وَڃن رُنندا رَتُ اکين مون.

كلام!

گرمک گهر گنيئڙ، سوڍيه وير سنڌيڙ،
خاصو خالص کيو، نرمل گنگا جو نيرُ،
کهڙا گڻ گرمک جا ڳايان؟

١- سمتيءَ جي ساگر ۾ جيڪو ڪڏهن ڪين وهي ٿو،
انيڪ جو آڪاس لتاڙي، سمَ جو سار لهي ٿو،
گرمک رام رتي، مُکتي منهن نه مٽي،
سنسو ڀرم سٽي - بيحد بوند چٽي،
کهڙا گڻ گرمک جا ڳايان ... ...

٢- نٿي جهروکي منجهون ناٿ لاءِ، ور ور واجهه وجهي ٿو،
سادو سنگت جي سرن پٿي جو، سچ جي ڪاڻ سجهي ٿو،
گرمک موڙي مَنُ، مٽي موهه مَنُ،
انيڪ آتم ڌن، پائي رهي پرسن،
کهڙا گڻ گرمک جا ڳايان ... ...

٣- سُتهه سروپ سڃاڻي جيڪو، ٻئي دوت ڏلي ٿو،
انيڪ سک اندر ۾ پائي، ڪنهن سان ڪين سلي ٿو،
گرمک لِوَ لائي - اوچو پَدُ پائي،
واتئون ڪين وائي، گونگو گُڙُ کائي،
کهڙا گڻ گرمک جا ڳايان ... ...

ڏوهيڙا!

١- گرمک گڻ ڪٿي، **ساهي** سيکڻهين جو،
اوديا جي آهنڪار جا، ليڪا ڪين ڪٿي،
آتم آک سهي ڪري، سپ جو داس بڻي
ورلي ماءُ جڻي، ڪا اهڙا پُت آڻي.

* *

٢- گرمک جي گادي، اٽل جان آڪاس ۾،
هار جيت، دک سک کون، اگم آلادي،
چڙهي تنهن چوٽيءَ تي، تيو سهجي —
لذائين آدي، **ساهي!** سک سروپ جو

* *

٣- سيکو سڏائي، گياني پنڊت پاڻ کي
ساهي ڏسي ڪونه ڪو، منهن مڙهي
پاڻ ڪيڏي کو پاڻ سان، گرمک لنو
ويهي وڃائي، نڌارو نوباڻ جو.

* *

٤- گرمک پد پائي، ڪنهن کي سلي ڪ
ات ني پهر آندر ۾، پيو **ساهي** س
جهڙن گونگو گڙ کائي، مشڪي ڪ

ڪلام!

ٻيڙو تون پار لڳاءِ - ٻيڙو تون پار لڳاءِ
جهولي جهولي لعل سائين - سڀ جا ٻيڙا ٻني لڳائين.

١- چوهه چڙهو آ طوفان ٻر،
قهر سمايو آهه ڪنن ٻر،
ڌهولڻ پار پڄاءِ - ٻيڙو تون پار لڳاءِ.

٢- چوڌر ڪاري رات انڌاري،
اونده اونده دنيا ساري،
جهنڊل جوت جڳاءِ - ٻيڙو پار لڳاءِ.

٣- ٻانهن پساري عرض ڪريان ٿي،
اڪا قلا ٿي ٻيٽ ڏريان ٿي،
لعلڻ منهنجي لاءِ - ٻيڙو تون پار لڳاءِ.

٤- تون مڙني تي مهر ڪرين ٿو،
سڀني جا ڀنڊار ڀرين ٿو،
مونسان ٻي ڀال ڀلاءِ، ٻيڙو تون پار لڳاءِ.

* *

لوڏيو ويني لوڏيان - سدا ويني لوڏيان،
لعل هندرو لوڏيان پنهنجي لعل جو -
ڳاڙهو هندورو - لوڏيان پنهنجي لعل جو.

١- چيت مهني چنڊ تي - آيو ولي اوتار،
لوڏيو ويني لوڏيان.

٢- رتن راءِ جو آ رتن - ٻار هنئين جو ٺار، لوڏيو ...

٣- ليري گهوڙي تي نيرمان - لڪري تيو نروار - لوڏيو...

٤- ٻيڙا تاريندو ٻاجهه سان - پاڻ ٿي پتوار - لوڏيو ..

(گوورڌن پارٽي)

پنجڙا !

١- آڏو چڪڻ چاڙ، منهنجي مَوج نه سهي مُ
ميڙي مُنائين جا، بيحد چاڙهيم بارَ،
چوڻ چارو ناهه ڪو، بديون بي شمار،
ڪيم ڪارونيار، اُڪارين اَحسان سين.

* *

٢- لعل پلائين پالَ، جلي هن جڳ ۾ لنهجي
جهرمر جهرمر ٽمڪن چمڪن، تل ترايون
جوتين وارا جڳپال، ڪر راهه رانهه ۾ رو

* *

٣- لهرن تي لڏندو وري، اَج اُڏيرا اَوتار،
سير سڪايو ساهه آ، ماري ٽي منجهندار
اي اَڙين جا آڌار، مونکي پار اُڪار تو

* *

٣- اَچو نه آسائو ڪريون، اَج دولهه جو د
جل ٿل اَمبر ۾ جلي، جنهنجي جوتي
نيري گهوڙي تي هسوار، منهنجو جهولڻ ج

ڪلام!

لڏڪل سان ٿي ڏونڏين ڏار، رکُ جهولڻ، رکُ لعلڻ ٿي
ٻيڙو تنهنجو ٿيندو پار، رکُ جهولڻ ٿي، رکُ لعلڻ ٿي.

١- سمنڊ اٿاهه، پراڻي نئيا،
خالق تنهنجو آهي کوئيا،
پاڻيهي لهندو تنهنجي سار، رکُ جهولڻ ٿي ... ...

٢- هوئي خلقي، هوئي پالي،
هوئي ڏک سک منجهه سنڀالي،
هوئي صاحب رب ستار - رکُ جهولڻ ٿي ... ...

٣- واليءَ کي هر جيو وٺي ٿو،
هر ڪنهن جو هو ٻار ڪٽي ٿو.
تنهنجو بي هو ڪٽندو ٻار - رکُ جهولڻ ٿي ... ...

٤- ٻاجهه ٻيڙيءَ ۾ هلندو چاڙهي،
پالَ پلاڻي هو بنِ پاڙي،
سٺي سوالڻ جي ته پڪار - رکُ جهولڻ ٿي ... ...
لڏڪل سان ٿي ڏونڏين ڏار ... .

(پارو ناڪر چاولا)

پنجڙا!

١- دولهه تنهنجي در تي آيس ٻير ٻري،
ٻار ٻچائڻ ۽ پاڻهي، هيءَ ٻيڙو ٻاجهه ڪري
شل لڱڪل ساڻ تري، منهنجو ترهو هن طوفا

* *

٢- درياهه سندي در تي، ٻيڙي ٻراڻي،
مٿون جهرمر مينهن جي، پاسن کان پاڻي،
منهنجي جهولڻ ڪي سڃاڻي، جو ڳارو ڏل تي

* *

٣- درياهه لنهنجي در تي آنهه، آيس ساڻ أ
جوت جاڳندي مون ڏٺي، دل ڪي آيم ڏ
جيڪي آيا در تي، تن لاج رکيئه تو ويڙ
اوکي ويل اٿهن جي، پت رکي تو ٻيڙ
شاهه پاتشاهه ويڙ حضور، اسين گولا تنهنجي

ڪلام!

پار پهچائيندو جهولي لعل - سڀ ڏک لاهيندو،
ٻاڳ ٻي ناهيندو - جهولي لعل.

١- سمنڊڙيءَ ۾ جنهن سار لڌي هئي،
ٻاٻين جي جنهن ٻاڙ ٻڌي هُئي،
هو آ اَسانجو هتي بہ همکي آهي اَسانجو خيال.
پار پهچائيندو ... ...

٢- اَوکيءَ ۾ اَچي ٿيندو سهائي،
ٻيڙن سان بہ کندو آ ڀلائي،
ٻيون جو آ ٻيو، هلي ٿون کر تہ اُنهي سان حال.
پار پهچائيندو ... ...

٣- ٻرهمڻ کي ڏي پٽڙا داتا،
دوکين جا جنهن دکڙا لاٿا،
جنهن بہ جڳائي جوت ٻابل جي ٿي ويا مالا مال،
پار پهچائيندو ... ...

٤- خالي جهوليون ڀري ويا کي ٿي،
خوش ٿي ويا هن در تان سڀئي،
اَچو تہ ٻاڇون اَکا ڦلا اهو **رانجهن** جو آهي سوال.
پار پهچائيندو ... ...

ٻنجڙا!

١- درياهه لعل دادلا، درسني داتا،
تون آهين خلق جو پوج پتا ماتا،
مڏيون سڀ معاف ڪر، راضي ٿيءُ راجا،
سائين سڀاجها، اڇو آهين عالم جو.

* *

٢- اڇو آهين عالم جو، دولهه درياهه پير،
مشهور آهين ملڪن ۾، تنهنجي ثابت آهـ
دکين درد وندن جي، تون پل ۾ لاهين پيڙ،
هاٺي هامي ٿي زندهه پير، ڏي آئت اڏي

* *

٣- هٿين خالي نا وري، سڀ منگيو دان و
انڌڙن کي اکيون ڏين، لولا لنگڙا ڪڍڻ
منگتا محتاج تو وٽ، پرتي پير اچن،
پرپور پرجي وڃن، دولهه تنهنجي در تا

* *

٤- دولهه تنهنجي در تي، آهي ڇهارن جو
جاڳيو آهين تہ سڌ ڏي، ستو آهين تہ
ڏي سنگت کي لاڳه، جو سنگت تنهن

ڪلام!

تيڏا مڪان واهه واهه، جت ڪمت وسعن ٻه تون.
١- چلو ته آسمان ويکون، **آغا** هلي ڀسون،
آسمان مڙيوئي تارا، تارن جو چنبڊ ٻه تون.
٢- چلو ته بازر ويکون، **آغا** هلي ڀسون،
بازر مڙيوئي آدم، آدم جو دم ٻه تون.
٣- چلو ته درياهه ويکون، **آغا** هلي ڀسون،
درياهه مڙيوئي لهرون، لهرن جو لال تون.
٤- چلو ته مندر ويکون، **آغا** هلي ڀسون،
مندر مڙيوئي مورت، مورت جي صورت تون.
٥- چلو ته ڪشتي ويکون، **آغا** هلي ڀسون،
ڪشتيءَ ٻر رهي راهب، راهب جو صاحب تون.
تيڏا مڪان واهه واهه ... ...

راهب!- مڌر ٻڌر

ڏوهيڙا!

١- پاٽَهين پَسي پاڻکي، پاڻهين محبوب،
پاڻهين خلقي خوب، پاڻهين طالب ٿن جو

*

*

٢- پراڻو سو سَڏُ، وَرُ واڻيءَ جو جي لهين،
هتا اکَهين گَڏُ، پُڌَرَ ۾ پِيا.

*

*

٣- ايڪ قَصَرُ، دَرَ لَکَ، ڪوڙين ڪُٽِسِ ڳڙڪ
جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن صاحب

*

*

٤- ڪوڙين ڪاياڻون، لِکَنِ لَکَ هزار،
جيءُ سڀڪنهن جيءَ سين، درسن ڏار
پرِيم تنهنجا پارَ، کهڙا چئي ڪيئن

---

(١) قَصَرُ= محلات (٢) ڪُٽِسِ= ڪيس (

ڪلام!

ڏيهن ٿيا ڏاڍا ڏٺي، ٿوڪي ڏسڻ آيو آهيان،
خير تنهنجي حسن جو، ٿوڪان پڇڻ آيو آهيان.

١- او تو ڪئي جيڏي جدائي،
پر نه ٿي منهنجي سري،
تنهنڪري تو وٽ اچي،
ٿوڪي ڏسڻ آيو آهيان - ڏيهن ٿيا ... ...

٢- بيوفا تنهنجي پرهہ پر،
ڪونه ڪو سکہ مون ڏٺو،
ٿون چنڊ جي ٿو ڪرڻ،
پر مان ڳنڍڻ آيو آهيان - ڏيهن ٿيا ... ...

٣- ٿو ڪري آزي فنا ٿي،
ٿو گھري تنهنجو وصل،
قرب خاطر ڪي گھڙيون،
توسان ڪٽڻ آيو آهيان -
ڏيهن ٿيا ڏاڍا .. ..

ڏوهيڙا!

١- ڏني ٽيهہ ڏينهن، ڪوهُ ڄاڻا کهڙا پرين؟
نيڻ پرچي نيڻهن، پلنيا پاريون ڪري.

*   *

٢- ڏني ڏينهن ٽيام، ڪوهُ ڄاڻان کهڙا پرين؟
مهيني سج اُلهي، واجهائيندي وِيام،
ڪيئين سال ٽيام، جنهين ساعت نه سهان.

*   *

٣- ڏني ڏينهن ٽيام، ڪوهُ ڄاڻان کهڙا پرين
ڏلنِ جٽن ڏريامِ، گونڌر غم پرينءَ جاء

*   *

٣- ڪو سنڌو سور جو، ڪو سنڌو سِڪ،
عدد ناهہ عشق، ڦاٽي پارڻ لهي.

---

(١) ڏلنِ = ولين. (٢) وريام = وڪوڙ
(٣) پاريون = وسڪارا.

ڪلام!

يار سڄڻ جي فراقئون ماري

۱- در دوستن جي ڪي جي هوندا،
مون جيها مشتاق اَلا ... ...

۲- جاني ڪاتي محبوبن جي،
آهي حسن جي هاڪ- اَلا-

۳- شاهه لطيف چوي پرين اَساڻو
همشيه حسناڪ - اَلا -

* *

ڪيڙو مست پرين جي ڪٺي ناز مونکي،
وسريو روزو، ناهي، ياد نماز مونکي.

۱- شوق شراب پيئان، پَرَ وٽِ راتيان ڏينهان،
ڪونهي وري قاضي ملان جو ڪو لحاظ مونکي.

۲- نيٺين ننڊ حرام آهي، وٽِ روز - اَزل،
سڙندو سوز سڄڻ جو، آهي ساز مونکي.

۳- واتي وات کُهائِي، مٺيءَ ڪي جيڪا پرين،
وري اَچي هوُ هوُ پرين جو تو آواز مونکي.

۴- سچل مقصد سارو، لونهين وٽِ توهين جيوڻ،
ڏَسِ وري ناز پنهنجي جو ڪو راز مونکي.

ڏوهيڙا!

١- جهڙا هُئا رات، اَج نه اوهڙا سپرين،
مونکان منهن مَٽي ويا، پرهه ڦٽي پرڀات،
حمل هجن حيات، ما نه مون مِلن.

*　　*

٢- ٻکيٽڙا پائيان، ڳچيءَ ڳانيون پُٽ جون،
چوندي گل گلاب جا، وکه وکه وڃايان،
راتيون رهايانءِ، اوري حال حبيب.

*　　*

٣- سپرين لنهنجي سڪَ ۾ سڪان سارو ڏينهن
محبت وارو مينهن، وٺو روز وسايان.

*　　*

٤- ڪٽي ليڙ خمار مان، جان ڪيائون نازَ نَظرُ
سورج شاخون جهڪيون، ڪومائو قَمَرُ،
تارا ڪئيون تائب ٿيا، ڏيکيندي دلبرُ،
جهڪو ٿيو جوهرُ، عانب جي جمال سـ

قَمَرُ- چنڊ. تائب ٿيا=پيش پيا.

ڪلام!

منهنجو هاڻي پيئڙو ۾ چاهي!
جيڏيون آنءُ نه ڪيچين کي رمنديس ڪاهي.

١- آهي پنهل سان سِر جي بازي،
اَلا! منهنجو نينهن نباهڻ جو ناهي - جيڏيون... ...
٢- ڇا جي نصيحت ڇا جي هدايت؟
اَلا! منهنجي اُلٽ جواني نه آهي - جيڏيون ... ...
٣- مڙنديس ڪين ڪي، ويندس وَرَ ڏي،
اَلا! آنءُ ته بيٺي آهيان لاهي پاڻي - جيڏيون ...
٤- هردم **طالب مولى** مونکي،
اَلا! شل رمز انهيءَ ۾ راهي - جيڏيون ... ...

*　　　　*

اَڱڻ بهاريان، تنهنجون واٽون نهاريان،
او يار سڄڻ! هاءِ اَڱڻ بهاريان... .. ..
١- تنهنجي اَچڻ جون رکيون اُميدون،
جيءَ کي جياريان - تنهنجون واٽون ... .
٢- تو ريءَ گهڙيون او يار پيارا،
ڏوهو گذاريان - تنهنجو واٽون... .. ..
٣- **طالب مولى** تنهنجو آهيان،
توکي سڏياريان - تنهنجون واٽون ... ...
او يار سڄڻ - اَڱڻ بهاريان.

ڏوهيڙا!

١- سدائين سڪا، ٻڪ ڏ باسي ڪا،
جيهي تيهي ذات جي، جمبش ڪانهي جاء
مون سين هلي سا، جا جيء مٺو لا ڪري.

*

٢- هُلُ هينئن سي هوت ڏي، پيرن پنڌ وسا
قاصيداڻي ڪار، ڪينِ وَساڻي ڪيچ ڪي.

٣- موني مران مَ ماه! موٽڻ ڪان اُڳي مران،
لُڇي لالن لاه! شال پرديس پير تي.

٤- هر ويلي ڪانگا يار ڏِيان،
مٺن تو دو دو ڪانگ
قاصد پيچان لي فالان پاوان،
ميڏا تي گيا حا
يار باجهون مڪون جيوڻ ڪوڙي،
دي اندر در
غلام فريد مٺن تو ايوين دووان،
جيوين وڃڙي ڪو

ڪلام!

حال تہ منهنجو ڪو نہ هو جيڏيون، پنهنجو ڪرم ڪيائون،
معاف ڪيائون منهنجون مدايون، ڏوهن ڏي نہ ڏنائون.
١- جيڪو حال احوال هو سائين، پاڻئون پاڻ پڇيائون-
منهنجي ڏوهن ... ...
٢- پاڻ پنهنجو پاڻهين، ساڻ غريب گڏيائون-
منهنجي ڏوهن ... ...
٣- سچل کي ڪي ٿي سرتيون، تي تہ دلاسا ڏنائون-
منهنجي ڏوهن ... ...

* *

ڪهڙي ڪريان تعريف مان تنهنجي،
منهنجو رکيو تو مان - شل جيوين
١- آخر پاڙيہ پنهنجي پولي،
منهنجي پوري تو لالڻ جهولي،
مونتي ڪيئہ احسان - شل جيوين
٢- پڙ پر پنهنجي پيارل وهاريہ، مڙہ محمد جي مونکي پياريہ،
ساقي آهين سبحان - شل جيوين
٣- چانشف تنهنجيءَ جو چاڪر آهيان،
خادم تنهنجو سڪ مان سڏايان،
تنهنجي در دربان - شل جيوين -
٤- آشا تنهنجو عاشق آهي،
لوڪالسواءِ بيو ڪنهنجو ناهي،
آهي ذرا نادان - شل جيوين -
ڪهڙي ڪريان ... ...

ڏوهيڙا!

١- ڪاٺو ڪمايوم، مولي مون نہ وڻيا،
سيهي جو سيد چوي ڏُکُ وهايوم،
ههڙو حال سندم، توهہ تُهجي اُبهان.

*　　　*

٢- ٽان ڪا وائي وار، دلاسي جي داسڙا،
تون منهنجو ولهو، آئون تو ٻر طمعدار،
ٻڪي ٻول گذار، لَڄَ مُنهنجي لوڪ ٻر.

*　　　*

٣- راڻا! هيس رهيءَ، تو سانئينءَ مون سون ڪي
منهنجي مداين جو، حال اَتئي هيءُ،
ٻولا! ٻڪڻ تيءُ، ڪامل ڪچاين جو.

*　　　*

٤- جيڪي ڏڏن ڏي، ٻجهيان ٿي ٻُجهَه ٻر،
سو جي سُٽَنِ ڪڍهن، ڪِرِب وارا ڪي،
تہ ساز مڙيئي سي، هوند پٿون ڪن ٻلڪ

ڪلام!

دل جهوري نيڻن جي جهٽڪي - او جهٽڪي،
شل نينهن نه ڪنهن سان اٽڪي.

١- عشق اڪابر عقل وڃايو - برهه ڪٺي بدنام بڻايو،
ٺرڪ ڪسي - هڪ سٽڪي او سٽڪي - شل...

٢- برهه نسوري ترڪڻ بازي، پاڻ جهلي ڪو جيتي غازي،
او هاري جيڪو هٽڪي - او هٽڪي شل ... ...

٣- عشق شمع تي ڦيرئون پائڻ، آهي دکايل پاڻ پچائڻ،
سر سوريءَ پيو لٽڪي - او لٽڪي -
شل نينهن نه ڪنهن سان اٽڪي .. ..

* *

شل نينهن نه ڪنهن سان اٽڪي،
ڏاڍي زور نئنا دي جهٽڪي.

١- شاهه حسن دا فوجان چڙهيان، ڪات نئنا دي ڪڍ ڪر کڙيان،
پير پيڇي ناهين هٽڪي - شل نينهن ... ...

٢- ديکهه نئنا دي بي پرواهي، لٽ ڏيندي هن اميري شاهي،
ڪاڏن ماس يتيمان يٽڪي - شل نينهن .. .

٣- جوڪوئي لال الهان دي اڙيا، سور ڏيوڻ بن مول نه وريا،
سر سوليءَ تنهن لٽڪي - شل نينهن ....

٤- عاشق **بهاول** مول نه هٽڪن، پتنگ والگي شمع تي لٽڪن،
سيف سيني وچ سٽڪي - شل نينهن .. ...

سيف = ڪٽار.

ڏوهيڙا!

١- تاڻ نه تار تنبور جي، جي سڌ نه هجيئي سور
سُرلو ناهي هي سرود وڄائڻ،
هٿ لاهي آ جند آزائڻ،
پڇر نه ڪر هن پور

* *

٢- چاڻ محبت سُستي ناهي،
ملهه مهانگي مستي آهي،
حاجت هِت نا عضو

* *

٣- نيئهن ڪرين نه نڪر تي نانگو،
لاهه دڪايل سر جو سانگو،
نوبت هِت ناسو

* *

٤- دل دُست چڙهي ويئي دلبر جي،
اُتان آئڻ آهي اڻانگي،
هن سُتيءَ پنهنجو سيل وڃايو
نينهن ڪٽي آهيا
ماڻهن ليکي محبت سستي،
پر محبت چيز مانگي،
سرتيون **شاهه لطيف** چوي،
آهي جُهڙ نه گهمن تا

كلام!

مُنڌُ پيئندي مون، ساڄن سهي سڃاتو.

١- ٻي پيالو عشق جو، سيڪي سمجهوسين.

٢- ٻرڀان سندي پار جي، اَلدر آگهه اَٿئون.

٣- جِئُرطُ ناهي جڳهه ۾، ڏينهن مڙئي ڏون.

٤- اَديون **شاهه لطيف** چوي، آهين تون ئي تون.

*　　　*

سڪندي سال ٿيا، ٿيندس ليث چري،

وينديس مفت مري.

١- دلڙي ڦري وري وئين وساري،

لارا ڏڪي پيا ٿوڏي نهاري،

ڳلتين منجهه ڳري - وينديس مفت ... .

٢- ڦرب جا ڪوڙين ڪالڳ اڏايم،

آب اَکين مان وهي وهايم،

دلڙي درد ڀري - وينديس مفت ... .

٣- **طالب مولا** ڪان نه ٻري ٿيءُ،

منهنجي نوريءَ ڪانه سري ٿي،

تنهنجي ڪيئن سَري - وينديس مفت مري.

ڏوهيڙا!

١- سوري آ سينگار، اڳهين عاشقن جو،
مُرڪ موٽڻ مهڻو، تيا نيزي نروار،
ڪُسڻ جو قرار، اصل عاشقن جو.

* *

٢- اَصل عاشقن جو، سِرُ نه سانڍڻ ڪمُ،
سَوَ سِسِڻان اڳرو، سندو دوسان دمُ،
هيءُ هڏو ۽ چمُ، ڪِ پريان جي نه پڙي.

* *

٣- ڪاليءَ ڪونهي ڏوهه، ڳُن ويندڙ هَمٿ هر،
پسيو پِرَ عجيب جي، لڇيو وڃي لوهه،
عاشق اَندوهه، سدا معشوقن جو.

* *

٤- سپرين تنهنجي سڪ ۾، سڪان سارو ڏينهن
محبت وارو مينهن، وٺو روز وسايان.

* *

٥- جانب! اڃين نه جڳاءِ، ماريو موٽين نه پڇين
رَتي رت نه اڪري، سڪ تنهنجي ساءِ،
اَسان تو لاءِ، تي پِرَ ۾ پچائون ڪيون.

لڇيو:- ڪنبيو. اَندوهه=فڪر.

ڪلام!

جهليم جهول تو در، جهواي لعل سائين،
ٻڏن جا ٻه ٻيڙا، ٻنهين تون لڳائين

١- ٻدا توهه تنهنجي، هلي ڪونه حيلو،
اچي تيءُ آسانجو، او والي وسيلو،
اڙين جو تون آهين، سهارو سدائين
جهليم جهول ... ...

٢- اجهو، آسرو، اوٽ، آڌار تون ئي،
مصيبت ۾ مانجهي! مددگار تون ئي،
ڇپر تين ته ڇولين مٿجهان ٻي ڇڏائين.
جهليم جهول ... ...

٣- تون قدرت ڪي قادر! ڪرين جي اشارو،
ته وچ سير ٻنڌي ٻوي ڇڙ ڪنارو،
جي چاهين ته هُن پار، پل ۾ پڄائين.
جهليم جهول .. ..

٤- دکن جو ئي درياهه سمسار آهي،
مُنو موهه، من لاه ڇڙ ڄار آهي،
ڪرين مهر مالڪ، ته ممنا مٽائين.
جهليم جهول... ... ...

(گووردن 'ڀارتي')

پنجڙا!

١- پاند ۾ پالهو، جهول ۾ خالي، آءُ آياڳي نا
او دولهه، او داتا! منهنجي عيبن ڏي نه ڏه
تارڻ وارا تار، تي لهرن ۾ لڙهندي وڃان.

(گوورڌن ’يا

*　*

٢- ڏڏن کي ڏاتار! تون ئي ڏاڻ ڏين ٿو،
ڏکين ڏکين جا جهولڻ، تون جهول ڀرين ٿو
سڀ تي مهر ڪرين ٿو، آءُ ٻه سوالي در

*　*

٣- در دنيا جا ڇڏي، ورتي مون تنهنجي پناه
ڇولين کان ڇڏائي، ڏي تون سوڌي راهه،
ٻي واهن جي واهه، اڄهو آسرو تون تي،

*　*

٤- تون ئي واهر وسيلو، تون ئي آن آڌار،
تو ٻن منهنجي لعلڻ، ڪير لهندو سار،
اچي تي مددگار، ٻانهن ڪري ٻانهيءَ تي

(پارو نا

ڪلام!

جهولي لعل جهولي لعل چوندا رهو،
جوت جهولڻ جي جڳائيندا رهو.

١- دولهہ جي در، جيڪو آيو،
پاڳ پلو تيو، تنهنجو سوايو.
اوت دولهہ جي وڃندا رهو
جوت جهولڻ... ... ...

٢- سڀ ڪجهہ ڪر، لعلڻ جي حوالي،
ڏس پوء توکي ڪيئن ٿو سنڀالي!

پَلَوَ جهولڻ در پائيندا رهو
جوت جهولڻ ... .

٣- ساري جڳ جو حال تون جاڻين،
دکئي بکئي کي جهٽ ٿو پڇاڻي.
آس دَيا جي رکندا رهو
جوت جهولڻ ... .

٤- نياڻين جا تون ڪارج ڪري،
ماتائن جا پڻ تون گود ڀري،
ڀرائا جهولڻ جا ڳائيندا رهو
ڇيڙون جهولڻ جون هڻندا رهو
جوت جهولڻ ... ...

(پارو ناڪر چاولا)

پنجڙا !

١- دولھہ درياھہ شاھہ، آھي لعلن جو لعل،
ڏکين ٻڪين پاپين جا، ڀلا ڪري ٿو ڀال،
ڪي نہ ميڙين مال، ھي آھن در دولھہ ج

*　　　*

٢- ٻَلہَ پاڻ درياھہ تي، اَڄ آيا پوڄاري،
ٻانڪي ٻيڙو شاھہ جا، سڀ آھن ڀيڪاري،
ھوتين وارو جڳہ جو، آھي ڏاتر ڏاتاري،
ڀرپور ڀنڊاري، ڏيندو ڏاڻ ڏڏن کي.

*　　　*

٣- جھولڻ در سوالي، اَچي ٻيو ۽ ٻار،
در تان ھن داتار جي، ويو نہ ڪو خالي
وسيلو ۽ والي، آھي ساري وِشوَ جو.

*　　　*

٤- جھومر جوت جهدل جي جرڪي ٿي چو
جيڏانھن ڪريان نظر ليڏانھن ٿئي ديدا
موھي منو مندار، وسي ٿو ڪڻ ڪڻ ۾

(پارو ڏا

ڪلام!

آءُ اَسان وٽ وِهُه، گهڙي پَلَ وِهُه
آءُ اَسان وٽ ويهُه، اَلا او مُنهنجا سائين!

١- نيڻهن نڀائيون ڪيئن نڀائيون،
هيءَ حياتي توري پائيون،
سوين جنم گڏ رهون تڏهن پي،
پيار جو ناهي ڇيهه پلا - او
آءُ اَسان وٽ ويهه... ... ...

٢- تون پرڏيهي مان پرڏيهي،
جتي جتي او تو مون ويهي،
ڪيون رهاڻيون، پيار ڪهاڻيون،
اهو اَسانجو ڏيهه پلا - او
آءُ اَسان وٽ ويهه... ... ...

٣- لڙ ڏي منهنجو تن تو لالکهي،
آءُ سمورو جڳ اورالکهي،
منهنجي پڪي ۾ پيهه پلا - او
آءُ اَسان وٽ ويهه ... .

(تنوير عباسي)

ڏوهيڙا!

١- سڪ نہ سڄڻ يار جي، مونکي ڪپي ۽ ڪ
جيئن سولارو سون کي، ٽڪي ۽ ٽوري،
آءُ پرين اوري، ٿون ڪريون ليڪهن کي.

* *

٢- اکيان نہ انديون، بوريون پرين پسن،
آهي اکڙين، عجب پَرَ پسڻ جي.

* *

٣- رَسنِ ۽ وِهسَنِ، ڏيهاڙي ڏسڻ لاءِ،
جيئن جيئن پرين پَسنِ، ليئن تيئن لنئا نيـ

* *

٤- اکين ۾ ٽپي ويهُ، تہ آئون واري پکيا
توکي ڏسي نہ ڏيهُ، آئون نہ پسان ڪيـ

* *

٥- سڪ تنهنجي سپرين! ڪپي ۽ ڪوري
سگهان نہ جوري، ڏاڍو نِيرو ليڪهن جو

نِيَرو:- زانجير.

ڪلام!

صبح ساجهر پڙهيو تم خط،
ڇڏيون جنهن ۾ سنگهارن جون.
او ٻوٽي وڃان ملڪ مارن ڏي.
ٿيون ميڙگها ملهارن جون.
۱- ٻڪيون ٻوڪان، لٿيون روڪان،
وسي مينهن ڪيون موڪان،
ٻلو ٻلنيا پريا هن پٽ
ٻڪيون ٻوڪان ٻنوهارن جون.
صبح ساجهر ... ...
۲- هنئون حاڪم اوڏانهن،
احمد بت حويلين ۾،
باهر زنجير پيرن ۾،
اندر سنگهران سنگهارن جون
صبح ساجهر پڙهيو تم خط ... ...

ڏوهيڙا!

١- مون مارن سين، لڏيون لوئيءَ ۾ لائون،
سون برابر سڳڙا، مونکي ٻانهن ٻڌائون،
عمر جو آئون پَٽُ ڪيئن پَهريان سومڙا!

* *

٢- پَٽُ ڪيئن پَهريان سومرا،
جا کي ڳان ...
آن ڪيئن لوئي لاهيان، ڪارڻ ٻن ڏيهان...
جيسين تي جيئان، ڪانڌ نه ڪنديس ڪو...

* *

٣- ڪانڌ نه ڪنديس ڪو ٻيو،
منهنجو ڪتيرو ئي خوب،
ميرو ئي محبوب، اسان مارن من ۾

* *

٤- اَلا! اٺين مُ هوءِ، جيئن آنءُ مران بند ۾
ڳُسو زنجيرن ۾ راتيون ڏينهان روءِ،
ٻهرين وڃان اوءِ، پوءِ مُون ٻُجهم ڏينهڙا.

ڪلام !

آن ۾ ڪيئن سيج سمهان - آن ڪيئن سيج سمهان
منهنجا ماروئڙا پڌري پٽ سمهن.

١- ليما ألب نمون ڳالهيون باغن ۾،
توسان ڪيئن ڪريان ڳالهيون باغن ۾،
آن ۾ ڪيئن چالوَ وهان - آن ۾ ڪيئن چانوَ وهان
منهنجا سانگيڙا بيٺا ڳاهه ڳهن

آن ۾ ڪيئن سيج سمهان ... ...

٢- تنهنجي ميزن تي سَوَ سَوَ طعام اَچن،
ڪاٿِن ڪانگ ڪتا جوٺا جام بچن،
آن ۾ ڪيئن لوڻ چکيان آن ۾ ڪيئن لوڻ چکيان
منهنجا ماروئڙا روزا روز رکن -

آن ۾ ڪيئن سيج سمهان ... ...

٣- لو وٽ عيد خوشيون شاديون ڪاج وهانوَ،
ريشم ويس وڳا ڏينهون ڏينهن نوان،
آن ۾ ڪيئن سيندَ پڪيان، آن ۾ ڪيئن سيندَ پڪيان
منهنجا ماروئڙا ننگي الگ گهمن

آن ۾ ڪيئن ... ...

٤- استاد اوسيڙا جيڏين سرتين کي،
توکي باهه ڏيان سڪڻين ڪولين کي،
آن ۾ ڪيئن گيت چوان، آن ۾ ڪيئن گيت چوان
منهنجا ماروئڙا ڳولگا ڪين ڪڇن

آن ۾ ڪيئن ... ...

(استاد بخاري)

ڏوھيڙا!!

١- سَتي ناھيان سومرا، سَتي نه منھنجي ماءُ،
سَتيءَ کي سانول چوي ھتي نه آزماءُ،
سَتي سنڌي سا، جنھنجو ملڪ ملير ڏي.

* *

٢- لنھنجي پوشاڪن جي، ڪانھي مونکي تاڻ،
ڪلي بنديا ٿي بند مان تون ننگي ننگ سڃاڻ
ميلو ڪر مير ھلي منھنجو مارن ساڻ،
ڏاڍا ڏاڍايون ڪرين، ھيڏا ظلم نه ڪر مون
عمر اماڻ، منھنجو مڙھه ملير ڏي.

* *

٣- عمر اباڻن جي مونکي اُنھُن لي ميندي،
آنءُ ڪين بوڙيندي پوڙ ۾، منھنجي لھي جا و
ھاڻي ڏُر وڃي ڏونندي، جي ميرا ماروئڙن

* *

٤- عمر آباڻن جا جي گھمي ڏس گھر،
پنھين تيون پنوھاريون توکي اوساڙيون عمر،
ادا زوراور، ڪلي ھنديا ٿي بند مان.

* *

٥- پلي جاڻي مارئي، جنھن پڏا مور ملير کي،
سَتي ساماڻي، جنھن مارو سڀ ملھايا.

کلام!

ساھڙ لھج سنڀار - ساھڙ لھج سنڀار
ھن ڪمبختيءَ ڪين ڪمايو
١- لھرين لوڏي آھيان - تکي وھي ٿي تار.
٢- پنڊ اَٿم ڪين ڪي - ٻيٺي آھيان ٻاتار.
٣- ڪچو مٽيءَ جو ڪرمن ۾ - کھڙو ڏوھ ڪنڀار؟
٤- سرتيون شاھ **لطيف** چوي - محب منا منٺار.

*   *

ھل ھل ڙي گھڙا، ٻڌ ٻڌ ڙي گھڙا،
گھڙا پيارا جيءَ جيارا، منھنجو تون آڌار،
مونسان ھلندين، ڪين ڇڏيندين، ڪين ڪندين انڪار،
ڦھري ڳُڻن مان تار - ھل ھل ڙي گھڙا... ... ...
١- ميھوڙي مونکي وڃڻو آھي - محب پنھنجي سان ملڻو آھي،
ھيڙي ھاڻي رھڻو ناھي، پار پھچائي پرينءَ پار - ھل ڙي،
٢- ساھ پنھنجي جو ناھي سانگو - توڙي ھجي ٻل ر - ٿوانٽانگو،
تار ھجي يا پاڻي ٿانگو، ھجي ڪٽي درياھ ڏڏڪار - ل ڙي،
٣- منڙا گھڙا ڇڏ بي پرواھي - محب ملڻ جي ڪر ڪا وائي،
ايڏي نه ڪر تون دير اَجائي - **جيٺو** ملان شل مان منٺار،
ھل ھل ڙي گھڙا... ... ...

ڏوهيڙا!

۱- ڪاري رات ڪڪر گهڙو، اوڏيهه اونداهي
چنڊ نالو جو ناه ڪو، درياهه ڏڌ لائي،
ساهڙ ڪارڻ سوهڻي، آڌي تي آئي،
ايءَ ڪم الاهي، نه ته ڪمن ۾ ڪير گهڙي

*　　*

۲- ساهڙ مون جنءِ، سڄڻيون! جي ڏسو سپيڻي
ته مهو ڪيين سگهه تي، پاسو ور ڏيئي،
منهن اڳيئي، گهڙو سڀ گهڙا ڪٽي.

*　　*

۳- مٿان گهڙن سوهڻي! اڄ درياهه ۾ ڏم،
ڪاري رات ڪُنن ۾، کهڙو اَتيئي ڪ
مٿان جاڳي ڏم، ٻچي پاڙي واريون.

*　　*

۴- ٻچي پاڙيواريون ڪوه ڪريندم ڏم؟
ڪاري رات ڪنن ۾، آه ڪاٽيارن
هيءَ هڏو ۽ چم، گهوريو محب

*　　*

۵- نڪو سڏو سور جو، اڪو سڏو س
عدل لاه عشق پچائي پاڻ لهي.

ڪلام!

جهڙل نينهن نباهيو مون،

پاڻ ڏاڍن سان نينهن نہ لائجي،

١- آءٌ ڏکيي ڇا ڏکن مان جاڻان، سورن سانت سنباهيو مون.

٢- آءٌ اياڻي عشق نہ ڄاڻان، عشق عجب سر آيو مون.

٣- وڻنڙي آهيان واٽ تي، مؤلا محب ملايو مون.

٤- **بيڪس** سان اچي مل تون پيارا، تنهنجي طلب تپايو مون

پاڻ ڏاڍن سان ... ...

* *

پاڻيهي پئيو سڌ سورن جي، عشق لڳيو جي اڌيون.

١- ساري خبر وڃي لڻ کون پڇجو،

جي وِرهہ سجڻ جي وڍيون وڍيون.

٢- ڪين لڪن سي لوڪن اڳيون،

جي آهن ڏکن جون ڏڌيون ڏڌيون.

٣- محب مسافر ٿيا جڏهين جا،

ڪوڪان آهي لڪ ڪنديون ڪنديون.

٤- وِرهہ ولونيا جي وهنديون لڻ جي،

نيڻئون نير جون نديون نديون.

٥- پاڙون پرڻ جي سٽو سيٽي،

لوڪ پلي ڏلي بديون بديون.

٦- اڳيون پويون سڀ معاف ڪيون ٿدهن،

محب **سچل** جون مديون مديون.

ڏوهيڙا!

١- آئل! آءُ نه وسهان، هنبون جي هارين،
آٽيو آب اکين ۾، ڏيهه کي ڏيکارين،
سڄڻ جي سارين، سي نڪي روئن نه چون ڪ

* *

٢- سڪ تنهنجي سپرين، جيئن لوان تيئن
لون هي رهيئم روح ۾، لونهيئم اکڙيان ٻار.

* *

٣- سؤ سکن ڏٺي، ورهه وعايم هيڪڙو،
مونکي تهِ نيٺي، ٻيو ڏيکاريو پرينءَ جو.

* *

٤- سرجي ٿان سورءَ ساماڻي ٿي سڳ وِئن،
اهي ٻڌي ٻور، نماڻيءَ نصيب ٿيا.

* *

٥- دردان دي ماري دلڙي عليلي،
سهڻا نه سطندا ڏکالدي آپيلي.

(غلام

٦- مُنہ مُنہ سورن سيڪنهين، مون وٽ وٺ
پُرِيون ڪنهو پُٽا، وِنا وهائو لڪري.

* *

٧- ٻڪ نه آهي سٿري، ڪُڻ ٻروڙي ٻير،
ڪُسڻ ڌاران ڪير، ڪري سُڌ سڪڻ.

ٻار:- ٻاهر.

ڪلام!

من مارن سان، توڙي تو وٽ سوگهو آهي سرير،
او ادا! منهنجو ملڪ ملير.

۱- خان ڪٿي تو ڪوهه ٽان چوري، هڪ چوري پي سيڌي زوري،
سانگي ڪنهن سان سينو ساهين؟ هو مارو تون مير،
او آدا! منهنجو ملڪ ملير.

۲- آهي بڻايو قسمت باندي، محلن ۾ پيي آهيان ماندي،
سانگين جي لاءِ ساهه سڪي تو دم دم آ دلگير،
او آد! منهنجو ملڪ ملير.

۳- ميرهي پل منهن ميرو ئي، ڪين ڪڏهن لاهيندس لوئي،
سمنڊ اندر پلجي پي نه پيئندي، سپ ساموندي نير،
او آدا! منهنجو ملڪ ملير.

۴- وطن وڃي مارن سان ملندس،
خوب ڪشيرن مان گڏ ڪلندس،
وڙهيچن جي وچ ولهي، پيئندس پاڪ پنير.
او آدا! منهنجو ملڪ ملير.

(گوورڌن پارٽي)

* *

جيڪس هيس ڌاري الا! مارن تڏهن وساري عمر اَدا!
- وڃنديس رهنديس ڪين ڪي، توڙي رات انڌاري عمر اَدا!
- وسيا مينهن ملير تي، گاهه ڪٿي گلزاري عمر اَدا!
- هيرن موتين ڪان مٿي، وطن جي واري عمر اَدا!
- جهانگيرن جي جهوپڙي، محلين موچاري عمر اَدا!
- سرتيون **شاهه لطيف** چوي، پنهنجي وس نه ويچاري،
عمر اَدا! مارن تڏهن وساري.

جيڪس ... .

ڏوهيڙا!

١- قسمت قيد ڪيو، نا تہ ڪير اچي هن ڪو
آئي لکئي لوح جي، ڏنڌ ڏيکاريم هيءُ،
پرچي ڪين پنوهار ريءَ، جان، جسو ۽ جي
راجا! راضي ٿيءُ تہ مارن ملي مارئي،

* *

٢- سنهي سُئي سبيو، مون مارُن سين ساهُہ،
ويٺي ساريان، سومرا! گولاڙا ۽ گاهُہ،
هنئون منهنجو هُتِ ٿيو، هت مٽي ۽ ماهُہ،
پکن منجهہ پساهُہ، قالب آهي ڪوٽ ۾.

* *

٣- واجهائي وطن کي، آئون جي هِتِ مُياسِ
گور منهنجي سومرا ڪج پنوهارن پاسِ،
ڏج ڏاڏاڻي ڏيهہ جي، مٿان ولڙين واس
ميا ئي جياس، جي وڃي مڙهہ ملير ڏي

* *

٤- جيها جي تيها، مون مارُو مُڃيا،
مون جيڏيون ملير ۾، چونرن موڪ مِها،
منهنجي آهہ اِها، ڪيرائيندي ڪوٽ ک

(١) قالب = سريرُ (٢) موڪ = جام (٣) مِها =

كلام!

عشق آسانڪي آهي ڪوڙ- ٻئي ڪنهن جي ناهي لوڙ.
١- درد جو هڪ دفتر جي پڙهوسين،
ڪاڙي ڪنداسين ڪتاب ڪروڙ.
٢- محبتي هڪ محبوب جي مليو،
ٻين سان ڪنهن سين آ همت جوڙ.
٣- سڪ جي ڪاتم ساڳه سان ماني،
ٻن پيا پيا طعام ۽ پور.
٤- قرب جي ڪجهي ڏاڍي ٻڌاسين،
ناحق وڌا ڏو پيا هي نور.
٥- راذا نانءُ سائينءَ جو منڙو،
دم دم آهي دل ۾ دوڙ.

* *

سڄڻ ريءَ ڏي سڪان، محبت ماري ماري آهيان،
- ڪٽنديس خان پڌهل ڏي، وحدت واريون وڪان.
- ڪاغذ هڪيچ ڏٺيءَ ڏي روبو روبو لکان.
- دل ۾ دلبر يار جاء سبق ويني سکان -
- نمهن ٻڍل تروار ڪيو، هاڻي ڪاڙي لکان،
محبت ساري آهيان
عشق جي ماري ماري آهيان...

ڏوهيڙا!

١- جنِ کي دؤر درد جو سبق سور پڙهن،
فڪر ڦرهي همت ۾، مانڪ مطالع ڪن،
ٻنو سو پڙهن، جنهن ۾ ٻَسَنِ ٻرين ڪي.

*   *

٢- دل جو دلبر هڪڙو، گهڻا ٿان نہ ڪجن،
دل ڏجي تنهن هيڪڙي، ٽوڙي سَوَ سڪن
سي ڇلولا ڇنجن، جي در در لائين دوستي.

*   *

٣- ماڙهوُ گهرن مال، آءُ سڀ ڏيهن گهران سڄ
دنيا تہ دوست تان فدا ڪريان في الحال
ڪَيُس نام نهالُ، پَنَرُ تان ٻري ٿيو.

*   *

٤- ڪَنڌَ وهاڻو ٻنو، هريو همت ٿيوم،
سڄڻ ياد پيوم، جاڙ جيڏان ٿي جيڏيون

*   *

٥- سڪن واري سُڏَ، محل ڪا مونسان ڪر
اندر جنين اُڏَ، ڏونگر سي ڏوريندي يون.

ڪلام!

سنڌ منهنجي اَما، سونهن تنهنجيءَ مٿان،
ڇا لکي ڇا لکان! ڇا لکي ڇا لکان!
هڪ قلم هڪڙو مان! ڪيئن پورو پوان!
ڇا لکي ڇا لکان؟ ڇا لکي ڇا لکان؟
١- تنهنجي ماڻهن کي سينڌي ۾ سانڍيو وتان،
تنهنجي لاٽن لُٽن کي بہ چنڊن چوان،
شال تنهنجي ڪُکِ مان پيو ھر ھر جمان،
ڪير تنهنجو پيشان، وير تنهنجو ٿيان - ڇا لکي ...
٢- هن ڪنڌيءَ، تي ڪنڌيو جو ابهم بار آ،
ڪنهن تہ جيجل جو جاني اَکين ٺار آ،
هو جو بالڪ سياڻي جو معمار آ،
اُن جي ٻوليءَ ۽ لوليءَ تان صدقي وڃان،
مان تہ صدقي وڃان، ڇا لکي ... ...
٣- هوءَ جا بيوس ٻُکَ تي مَرِهي مُنڌُ ٿي،
اَڄ بہ جوڻي اُسرَ جو اُٿي جنڊُ ٿي،
جا گرم ڪير ۾ پيهي ڳڏي ڪنڊ ٿي،
اُن سهاڳڻ کي مان ڪيئن نہ سجدو ڪريان!
ڪيئن نہ سجدو ڪريان؟ ڇا لکي ... ...
سنڌ منهنجي اَما... ... .

(تاجل بيوس)

ڏوهيڙا!

١- سنڌ تنهنجو شان ڇا ڳائي ڇا ڳايان،
تنهنجي پاڪ مٽيءَ کي سجدو ڪري ٻايان،
نجي نينهن نباهيان، نرمل وڏي ناز سان.

*　　　*

٢- جيجل جهولي ڏيئي پيئي لولي،
سنڌي ٻولي، منهنجي ٻولي،
مٺڙي سولي سولي،
سنڌي ٻولي منهنجي ٻولي.

*　　　*

٣- تنهنجي ڇاڇن جي هيءَ ٻولي،
تنهنجي مامن جي هيءَ ٻولي،
شاهه ڀٽائيءَ جي هيءَ ٻولي،
ٻ ڀ ٽ ٿ ٻاتي ٻولي.
سنڌي ٻولي منهنجي ٻولي
پياري پياري سولي ٻولي.

قومي گيت !

هي منهنجو وطن - منهنجو وطن - منهنجو وطن
ماکيءَ کان مٺيرو - مصريءَ کان مٺيرو
قربان تنهن وطن تان ڪريان پنهنجو تن بدن.

١- مٺڙي وطن کان آءٌ رکي ڪي به نه واريان،
جيڪي هجيم ڏيئي وري ڪين پچاريان،
دل ۾ هميشه شال رهي ديس جي لگن،
منهنجو وطن... ... ...

٢- پنهنجي وطن جي آءٌ جي ڪريان حالت بيان،
سڏڪي پوي زمين، هنجون هاري آسمان،
دکڙا وطن جا ساريندي، منهنجو ڇلي ٿو من،
هي منهنجو وطن... ... ...

٣- جي چاهه اٿم ڪا ته وطن شاد ڏسان مان،
آزاد ڏسان مان وري آباد ڏسان مان،
مستيءَ انهيءَ ۾ آهه، دکايل جي دل مگن،
هي منهنجو وطن... ... .

ڏوهيڙا!

١- عقل، آزادگي، اِقبال ۽ آسودگي عزت،
اُتي پيو پائيندا سڀ جت ملڪ لہ محبت
وطن حب ديش جي ڀِگتي آتم اعلىٰ شڪ
پناهہ جن سندس وراي، ڪتي دنيا جي تن
اهي مائر پلي مرڪن جي ٻاروتن ۾ لولي ڏين
تہ صدقي ديس تان تن من ڪرڻ جهڙي نہ ٻي
جگر پنهنجا ڪڍي ڏيندءُون متو اَولاد مو
اِهائي باس باسيندءُون تہ رهي ملڪ جي
(ڪشنچند ”

* *

٢- دڪايل ديش جي اُلفت نہ ذڪري سيڊي
اچي آزادگيءَ جي عطر جي خوشبوءِ پس

كلام!

هلو هلو درياهہ ڪناري،
درياهہ ڪناري - منهنجي دولهہ جي دئاري.
١- چلڪ چلڪ چولين تي، لڏن ڪڏن جوليون،
لعلڻ جي لاٽ آسين، آندر ير اوتيون،
صندل جي جوت سدا، جل ٿل اُجاري
هلو هلو درياهہ ڪناري ... ...
٢- گهڻ گهڻ گرجن ٿا، جڏهن ڪڪر ڪارا،
دڙن وهن ڪڻن ۾ ٿا، ڪپجي ڪنارا،
تڏهين تڪہ تار منجهان، ترها تو تاري،
هلو هلو درياهہ ڪناري ... .
٣- اَڪا قلا پيت ڏري، هن در جو انڌو،
اَمر لعل اُن ڪي ٿي جهجها ڏاڻ ڏيندو،
پائي پلٽ پيار منجهان جيڪو پڪاري.
هلو هلو درياهہ ڪناري ... ...

(گوورڌن 'ڀارتي')

*

جهولي جهولي جهولي جهولي لعل - لعل سائين اَڏيرو لعل.
١- اسين لماڻا عيبن هاڻا، دولهہ تنهنجي در تي وڪاڻا،
ڏاهي لڪل لوڪان حال - ڀلا ڪجانءِ ڪو پال
جهولي جهولي جهولي جهولي لعل ... ...
٢- سڪر سائين ڌل آس پڄائيندين،
بابل سائين ڌل پار رسائيندين،
ننگي آهين ننگپال - ديهن جو تون ديال
جهولي جهولي ... ...
(رام پنجواڻي)

پمجڙا!

١- سيوا ڪر سمنڊ جي، جتي جُر وهي ٿو جالَ
سوين وهن سير ۾ ماڻڪ موتي لال،
جي ماسو جُڙيئي مالُ، ته پوڄارا پُرُ ٿئين.

• •

٢- سيو ٿو جن سڄان، وير نه وڙهي ان سين،
توبھ جي ٽانيرسين، تري ويا طوفان
ڏيئي توڪل ٽڪيو، آڙ لنگھيا آسان،
ڪامل ڪشتيبان، وچ ۾ گڏين واهرو.

• •

٣- ٿو در آيس راڄيا، ھھڙو وٺي حالُ،
اوناڻج عليل جو، ساٿيڻ لڳ سوال،
ڀلا ڪرين ڪو ڀالُ، جو پورين پاند بيمار جو

• •

٤- ٿو در آيس راڄيا، پيا در ڏيئي ٻِن،
کهاڻ جو ڪماچ سين، سڻج سڀاڄهي
جا مگ منهنجي من، سا نه توکي معلوم

• •

٥- تون ئي منهنجو آسرو، تون ئي منهنجو
ساري جڳ جو بار ڪٽين ٿو، منهنجو پي

ڪلام!

ٻانهي آهيان گولي آهيان، آءٌ تا يار سڄڻ جي.
١- آءٌ لماڻي عيبن ھاڻي، ڏوھن ۾ آءٌ تا اولي آھيان.
٢- جيھي ليھي آھيان ڙي جيڏيون،
صاحب جي آءٌ تان جھولي آھيان.
٣- پل پل پڇن حال منھنجڙو،
ڳالھ انھيءَ تان ڳولي آھيان.
٤- ھيڏي ھوڙي ڪين وڃان،
محبن جي آءٌ تا تولي آھيان.
٥- ڏس سچوءَ ڏي سڄڻن،
ذاتہ ڇپر ھٿ چولي آھيان

* *

تو ديد سان دل ڪي گھائي ڇڏيو،
محبت ۾ مست بڻائي ڇڏيو.
١- ڏينھن رات رھين تون ياد سڄڻ،
ٻئي نالي آلک فرياد سڄڻ.
ڪر دانھن جو ڪو داد سڄڻ،
تنھنجي رمز تي رڻ ۾ رلائي ڇڏيو.
٢- تا عينھن ھميشہ مدد تي ڪيسن،
پر نيڻ تا منھنجا روز ٽمن،
ڳنڍي آھي سمھائي دل دردن،
جند جان ۽ جيرو جلائي ڇڏيو.
٣- تنکا تير برھ جا **رام** لڳا،
جن گھاءُ اندر ۾ ڦھري ڪيا،
جنھن درد ڏنو سو ڏيندو دوا،
بين والين درد وڌائي ڇڏيو.

ڏوهيڙا!

۱- مونکي کھڙي خبر اُٿين ٿيندو آ،
سڄو ساھ سڄڻ منجھ هوندو آ،
غم ايندو آ، لهي ويندو آ،
پر هِت نہ رڳو پيئي ٻاھہ ٻري،
منهنجو مُحب مونکان ٿيو آ پري،
اهي روح جون رهاڻيون مونسان ڪير ڪر

*　*

۲- هت ناهي ننڊ نيڻن کي گھڙي،
رڳو تات آ ڪڏهن ملنداسين وري،
اَلائي دل منهنجي وڃي ڪيئن اَڙي،
هاڻي ڪيئن ڪريان، منهنجي لئي جو

*　*

۳- سڪان ۽ ساريان پڇيان پنڌ پرينِ جا،
ويا اُهڙو جيءَ کي جھوري اَديون۔

*　*

۴- هلو هلو سڀ ميڙ ڪري، پنهنجي پنهل
پاڻي پاند ڳچيءَ ڳلِ ڪيڙو، ٻڌيون سـ

ڪلام!

ڇيڙن جي ڇمڪار ڪري تون جهرمر جهمريون پائي وٺين،
راسيون خوب رچائي وٺين، ميلا ڪنور مچائي وٺين.

١- اڄ ڀلڪي آهت تنهنجي قدمن جي گونجي ٿي ڪن ۾،
سنهڙا سر، منا ۽ ماٺا سُر ۽ ساز ٻُرن ٿا من ۾،
امرت رس برسائي وٺين، سائين روحن ۾ رم جهم لائي وٺين.

٢- تو بن ويساڪيون ويڳاڻيون تو بن روئن ٿا ٻهراڻا،
ڪيچ ۾ لال ڪٺي ماتاڻون ٽيڙيون نچوٺين نيڻ نماڻا،
ڀلؤ ڳچيءَ ۾ پائي مٺڙيون لوليون ڳائي وٺين.
ڪڏي ڪُڏن مان ڀڄندڙ ٻيڙا، ڪڏهن پار اُڪاريندا سائين،
مهتاجن ۽ مسڪينن جا بگڙيل ڪارج سنواريندا سائين،
ٻيڙا ٻُڏائي پنهنجي سمجهي جهٽ ۾ سور سمائي وٺين.

٣- اصلي ڀڳوان هُئين هن جڳ ۾ ڀڳت ٻڌي تون آئين،
هُئين نرمل اور وفا جو بُت جو پار ڪٺي تون آئين،
انساني جامي جي اندر سائين عجب جيون جرڪائي وٺين.

* *

آهيون دم دم ياد تون يار ڪنور،
لڙي لڙڪ پون لک وار ڪنور.

١- تنهنجي نظر نماڻي ڪيئن وسري؟
تنهنجي قرب ڪهاڻي ڪيئن وسري؟
تنهنجي شڪل شاهاڻي ڪيئن وسري؟
تنهنجا پون ٿا پور هزار ڪنور.

٢- آهين ڪين جي ڪڏ ته به ياد آهين،
هر دل ۾ **ضيا** آباد آهين،
ناشاد اسين تون شاد آهين
آهي تن ۾ تنهنجي تنوار ڪنور.

ڏوهيڙا!

١- وڃڻ وارا سڄڻين، روڪان ڪان نہ رهن،
آءُ جهليندي ڪيترو، آيل آديسن،
پڳهہ ڇوڙي جن، وڏا بيڙا بارِ م.

*　　*

٢- وسارڻ سان نہ وسرن پنهنجي ڪنور جون
سدائين ياد سي رهنديون محبت پيار جون

*　　*

٣- جر وارن جي جانب تي، ڇُٽي ڇوهہ مان
گهاڪ سهي گوليُن جا ڀَر لي، هوت ملهائي
ڪالهہ نچڻين تي ناز منجهان، ڇا محبت مو
گهايل تي اَڄ گهوت ڪري پنهين آهي ڇڻن ڪلهن ت

*　　*

٤- لولن لنگهن آنڌن منڍن جي لهندو ڪير
نبلن جو بل ڪنهجي ويو، روئن تا زارون زا

*　　*

٥- دنيا ڪي تو ياد ڏياريو، دنيا مسافرخانو،
جوڻ والي آهو جڳہ ۾ سو ٿيندو نيٺ روا

*　　*

٦- رام نام جو وکر وهائي ولين ولايت وڃ
سچ جو سؤدو ڪري سوداگر، پرين کي

*　　*

٧- مرڻ ڪان اڳي جي مُئا، سي مري ٿين
هوندا سي حيات، جيئندا اڳي جي ج

كلام!

-هندو ڪير ميار - او يار
سنڌڙيءَ تي سر ڪير نه ڏيندو يار
-هندو ڪير ميار - او يار

١- جهول جهلي جنهن وقت پنائي،
ڪرندا ڪنڌ هزار - او يار
سنڌڙيءَ ... ...

٢- نيٺ ورڻندڙ وڍجي ويندا،
لهندي نيٺ ڪنار - او يار
سنڌڙيءَ ... ...

٣- گهڙا ڪٽجي گهڙندڙن سڀ سهٽيون،
ٻڻندا سڀ مهار - او يار
سنڌڙيءَ ... ...

٤- سر جي سٽن هٽي ڏس چارڻ،
بيجل تي بيهار - او يار
سنڌڙيءَ تي سر ڪير نه ڏيندو
سهندو ڪير ميار - او يار

(شيخ اياز)

ڏوھيڙا!

١- سُڄھن ٿيون سنڌين کي، ٻيڙيون ۽ ڪڙيون،
تڏھن ٻہ آھن پنڪن ۾ وڙيون ٿي وڙيون،
رڙيون ٿي رڙيون، جو **راشد** رقيبن ۾.

* *

٢- ڪڏھن ڪرندو ڪوٽ، ڪڏھن وڙندو واءُ؟
ھيءُ سڀ ۽ ساھہ، گھوريا اُن ڳھڙيءَ لان.

* *

٣- جَرَ ٿَرَ لِڪَہ لَنوارَ، وَٽَ ٻِٽَ وارِي ھيڪڙي،
سڀيئي شيءِ ٿيا، سوريءَ سَرا وارَ،
ھَمَہَ منصور ھزارَ، ڪھڙا چاڙھيو چاڙھئين؟

* *

٤- مٿي اُتي مڻھنجي، جو ھوا سِرَن سَوَ ھزار،
تہ تمھنجيءَ تَندُ تَنوارَ، ھر ھر وَڍِيمِ ھيڪڙ

* *

٥- ڪِرِ سِرُ، ٿيءُ سُرُھو، مُ ڪي آءُ، مُ ڳاءِ،
جاچڪ! تو مٿاءِ، ڪُل مڙئوئي گھوريان.

ڪلام!

محبت ۾ مچندي وڃي، سورن ۾ سچندي وڃي،
جهوريءَ ۾ جهڄندي وڃي او دل دلبر ڀيٽي ڪري

١- ٻاجهه بور ٻه جهليو، ساعت هاٿي نٿي سري، او دل ...
٢- سارين سنگ ٻه ڪڍيا، اُتر واءُ ٻه ٿو وري، او دل دلبر ...
٣- ٻارن ڦٽيون جهليون. ڳٽيون ميڙهه منهن ڳري، او دل دلبر...
٤- **طالب مولي!** تهه ڏليون، سندس ڏاريءَ ٿي ٽري
او دل دلبر ...

* *

آ جيءَ ۾ جهوري، من ۾ لوچ لڳل- تنهنجي قرب ڪنل.
من ۾ لوچ لڳل ...

١- وڻي آهيان آس لڳائي- تو لاءِ سان سيج سجائي
در ۾ نيڻ ڪيائي- راتيون ٿي جاڳان- منهنجي ننڊ قتل-
من ۾ لوچ لڳل ...

٢- چا سڪ منهنجي هڪ سپنو آ، ٽڙيي ٽڙيي ساهه ڏلو آ،
تنهنجو من نه پڙو آ- چانڊڻ ٿي پيا ٿي منهنجا خواب مٿل
من ۾ لوچ لڳل ...

٣- تنهنجو پيار **وفا** ڪيئن ٻاهان توکي رانجهن ڪيئن رانجها ٻان
ڪيڏو ٿي ٻاڏايان-
ٻانهيءَ ٿي ڪر ڪو قياس ڪهل-
من ۾ لوچ لڳل ...

ڏوهيڙا!

١- اَڱڻ آيا جان، نہ سرتيون مون سُک ٿيا،
اَمُل ٻولڻ مٺان، ٻَرڪيو ٻيڻ ڏِيان.

*   *

٢- آئي اُتر مُندَ، هنئين اُدڪو نہ لهي،
وَٽيِنِ لاچُو ٻُندَ، ٻِيهُر مُکيِن ٻُڙيون.

*   *

٣- صَبرُ ۽ شُڪرُ کي وٺي آئون ويٺي،
ڏُکيءَ سين ڏيٺي، ڪا ڪَڄ اَچي ڪَڍهين.

*   *

٤- پائي حالَ هلي ويا، ڪيهنڪي سُورَ سَلان؟
ڪٺيو لڄ **لطيف** چئي، لَکَنِ منجهہ لُڇان،
ٻانڌي ڪير ٻڇان؟ وِڃان ڪان نہ وَسِ ٿيو.

*   *

٥- آئون نہ گَڏي ٻولڻ کي، مَهِمن سِڃ وِيا،
هَلَڻَ وِہل هيتان، ديکي شال دم ڏيان.

---

(١) ٻَرڪيو = گهوڙيو (٢) اُدڪو = چڪتا (٣) ڏيٺي = گڏ
ديکي = ڏسي.

كلام!

چار ڏينهڙا زندگاني! - چار ڏينهڙا زندگاني!

- چار ڏينهڙا موج مستي، چار ڏينهڙا هوش هستي،
چار ڏينهڙا شاد رهندي، خوشنما آباد بستي،
چار ڏينهڙا رس سهاني، چار ڏينهڙا زندگاني!

- چار ڏينهڙا شان رهندو، مانُ ۽ ايمان رهندو،
چار ڏينهڙا آسمان ۾، اوچ تنهنجو گانُ رهندو
چار ڏينهڙا حڪمراني، چار ڏينهڙا زندگاني!

- چار ڏينهڙا سونهن ساري، لال گل اکڙين خماري،
چار ڏينهڙا وار ڪارا ۽ انهن جي پيچ جاري،
چار ڏينهڙا جوڀن جواني، چار ڏينهڙا زندگاني!

- چار ڏينهڙا چانڊوڻيءَ ۾، روح رچندو راڳڻيءَ ۾،
نيڻ ملندو تيج تنهنجو، ڪنهن اوکي روشنيءَ ۾،
آتما ٿيندي روالي - چار ڏينهڙا زندگاني!

- تنُ سندءِ شمشان ايندو، آگ کي آتساهه ڏيندو،
فرش تي اوچي فلڪ تي، خاڪ ۽ دونهون چڙهندو،
ڪين رهندي ڪا نشاني - چار ڏينهڙا زندگاني!

- ڙي ڇڏيندءِ جڳ جلائي، جڳ ڇڏيندين تون ڀلائي،
موس ڪانپوه نه جڳ لءِ، جڳ نڪي تو لاءِ آهي،
تون نه ماني هو نه فاني، چار ڏينهڙا زندگاني!

(گوورڌن ڀارتي)

ڏوھيڙا!

١- اَٺي اَھڙا لوڪ، **ساھي** ويا سنسار مون،
ھٿا ڄڻ جي ھٿ ۾، رِڌ ٻِڌ جھڙا ٽوڪ،
ڪال ڪُري ٿو سڀ کي، ڦري سڀي سان ڦو
ٿون چوماري جھوڪ، ويھين وساري رام کي.

* *

٢- ڪوچ ڪري ويا، **ساھي** سڀئي سنسار مون
گياني ڌياني گرھستي، سي ٻي پنڌ پيا،
پير پيغمبر اوليائ، جن پنھنجا پنٿ ڪيا،
سي ٻي غيب ٿيا، تو ڇا جاتو ٻارڪ کي.

* *

٣- جاڳ مسافر جيئڙا، ٿوڪي سنگي ٿا سارين،
ڪي وِيا ڪي ويٺا، رھيا ڪين رھن،
ڪوڪان ڦھري ڪال جون، ٻوڙا ڪين ٻُڌ
تڏھن ٿا رَت روئن، جڏھن ھِٿون ھارائي ھ

* *

٤- جاڳ مسافر جيئڙا، تنھنجي نہ وِھاڻي،
سڪ سڀئي سنسار جا، جيئن پَٽ مٿي پاڻ
ڪنڊب قبيلي ڪُل مان، سنگي نڪو ساٿ
موج لھين ماڻي، **ڏرمون** جن ساٿ سنگت

* *

٥- آگاھ اَپني موت سي، ڪوئي بشر نھين،
سامان سؤ بَرَس ڪا، پَل ڪي خبر نھين.

کلام!

پيءُ ڙي بندا پيءُ، نام مها رس،
نام مها رس، رام مها رس -

١- رام نام ٽَئي ساج سکن جو،
مِٺي چِلندءِ پهاڙ دکن جو،
ها! ها! اَمرت رس کي پيءُ ڙي پيءُ ... .

٢- رام جي نالي ۾ طاقت آهي،
دکڙا دلين جا ڇڏي تو لاهي،
ها! ها! دوا انهيءَ سان جيءُ - پيءُ ڙي ... ...

٣- رام سڀن جو آهي سهارو،
مِٺي ڇڏي تو من جو مولجهارو،
ها! ها! کڍ سنسي جو سيءُ - پيءُ ڙي .. ...

٤- ماٽ گرڀ ۾ قول ڪيا ٽَئي،
لڳي وشين ۾ وسري ويا ٽَئي،
ها! ها! ياد ڪجانءِ اهو ڏينهن - پيءُ ڙي ... ...

٥- هئيا چوي جب رام کي وهي،
سقل ڪر تون مانش ديهي،
ها! ها! شش سنگر جو ٿيءُ - پيءُ ڙيپ ... ...

ڏوهيڙا!

١- رام نام کي لوٽ هه، لوٽ سڪي تو لوٽ،
ڦر پاڇي پڇتاويگا، جب پران جائينگي ڇوٽ

*　　*

٢- جنهن کي آيو رَس **ساهي** رام نام جو،
سو پئي پيالو پريم جو، ڏيئي سڀ سرس،
گرگمُ ڪيڏي جيءَ مون، ڪوڙي ڪلپت ڪَسُ،
تنهنجو ڳائڻ جسُ، ويد پُران ملي ڪري.

*　　*

٣- جي تون آهين جيءُ، جڙيو رهه جگديش سان،
جي ديهي مَنڊي پارِ ڪي، مُري مَٽي ٿيءُ،
جي تون آهين آتما، ڪَڍُ سنسي جو سيءُ،
ساهي پُلي نه پيهه، هن ٻي ڦاسي ٻزار ۾.

*　　*

٤- آلم رس مٺو، آٿي سڀ رَسن کون،
وڃي پهچ تنهين کون، چکي جن ڏٺو،
ڪائي تسو نٺو پرلا رَکهن رام سان.

*　　*

٥- اَلالي کهڙو تنهنجو پاڳم ڪليو ٿي
جالب جانب چولو مليو ٿئي.
وشين ۾ وڃائي وڃين ڪُجهه نه قدر.
وڃي پؤ قدمن ڪري. تون داتا جي در

ڪلام!

توسان منهنجي سهڻا سائين، رهجي اچي ڳل.
۱- آنءَ ڇا ڄاڻان عشق منجهارون، ٻره والڙا ٻار.
۲- طرف نه ٻئي ڪنهن خيال رليايان، تن پر تنهنجي تار.
۳- هوندين هميشه گڏ اَسان سان، ليڪين وهايم نار.
۴- ٻانهن **سچل** جي سهڻا سائين، ٻرتي اَتُو سردار.

* *

توکان لاج گهران - توکان ٻاجهه گهران منهنجا سائين.
او ڳل رهجي اچي توڙ تائين.
۱- ڳايان هردم تنهنجي ڳاٽي، ڏسان هردم توکي ساٽي،
تنهنجو ڏيان هجي - تنهنجو گيان هجي منهنجا سائين.
او ڳل . ...
۲- سدا وڏڙن کي سيس نوايان، ڪري شيوا مان ڀاڳ ٻڻايان.
ڏسان صورت تنهنجي - مٺي مورت تنهنجي
منهنجا سائين - او ڳل رهجي ... ...
۳- ٻڌي ڇرطمان سڀ سان نباهيان، ڪوتا خيال نه دل پر آڻيان،
ڳل سمتي اچي - نه ڪمتي اچي منهنجا سائين
او ڳل.. ... ...
۴- سدا پريل تنهنجو آ پنڌارو، موٽي وينڊو نه ڪو هتان پيارو،
همت ڏينڊم هري - تنهنجي مهر گهڻي منهنجا سائين
او ڳل... ... ...

ڏوهيڙا!

١- منهنجي ٿل رهجي اچي دلدار سان،
آهي دنيا ۾ غرض هڪ يار سان.

*　　　　*

٢- جهڙو تهڙو ڪين جهڙو مان تيس،
ٿل سڄڻ پنهنجو بڻائي پيار سان.

*　　　　*

٣- دل ڏيئي ڪهڙي پلا دعوٰي رکان،
ڪهڙو ڪم آهي اقرار سان.

*　　　　*

٤- ڙات ناهي ذات تي، ڪنهنکي به ڏي،
چا حجت هلندي پلا ڙانار سان؟

*　　　　*

٥- ساز دل جون سڀ آتم تارون تنل،
ٿل راءُ راڳهي بي سريلي تار سان.

*　　　　*

٦- جهول خالي آهي، پراي ضيا،
وڙ وڏو والي ڪندو پيار سان.

ڪلام !

اَلله عاشقن جا ڪم پار ڪري،
مؤلا مستن جا ڪم پار ڪري،
نہ تہ ڪير نماڻن تي نظر ذري.

١- دنيا رنگ زماني مان ڇا ڄاڻن،
هو مؤج اَلستي تا ماڻين،
غم ڪڏهن نہ ڪن خوش دل تا رهن،
دنيا جي جهنجهٽ کان پيڻن پري
مؤلا مستن ... ...

٢- آهہ مؤج درياهہ بہ بہ ساڻ ملاح،
وچ سير ۾ ساٿي آهہ الله،
ڪمدو تن کي ڇا طوفان پلا،
تِکَ لاڙ مان جن جي ڪشتي تري.
مؤلا مستن ... ...

٣- بن پنسي بي پرواهہ آهن،
بنا فوج خزاني جي شاهہ آهن،
هڪ تؤڪل ساڻ الله آهن،
جن جون چندر چئيون رهبر تو پري.
مؤلا مستن ... ...

ڏوهيڙا!

١- دنيا اوندهہ، وچ ڀل گهاري عاشق رهن اُجالا،
ساري دنيا دشمن هوندي ـ مولايون دا مؤلا،
دشمن ڪجهہ ڀي نا ڪر سڪدي ـ عاشق سدا ن
دنيا غم دتي غرض نہ رکهدي، خوشدل رهن خوش
ظاهر سادي ڦرن لباڻي، دل وچ **چهدر** مالا،
بن ٻمسي هو شاهہ سڏاون، چلنديا الٽا چالا.

*　　*

٢- سدا بي پرواهہ، سادو جن سنسار بہ،
ڪاڻ نہ ڪين ڪنهنجي، سدا سُکالا،
رتا رهن رنگ بہ، مگن مُتوالا،
ٻُڌا ۽ ٻالا، **سامي** تين ڪين ڪي.

ڪلام!

عشق عجب اِسرار، جنھنکي لڳو تنھن کون پڇجي.

١- ليئھن مونکي ننڍڙو نپاھو،

ڪم نہ سجھي ٻيو ڪار جھڙين لڳو ٿوکي ڏسجي،

عشق عجب ... ...

٢- مون جھڙي مسڪين سان آلا،

وِتي نہ وڃجي واڙ - ڙتي موڙِ نہ رسجي،

عشق عجب ... ...

٣- سائين بيدل کي عشق اُوھانجو،

برھہ ڪيس بيمار - پير پري تِن کون پڇجي،

عشق عجب ... ...

* *

ڪلام!

رمزن سارا غلام ڪيو تُو سچڙا آسانکي،

سچڙا آسانکي - او سائين آسانکي ... ...

١- ڪنھن ڪميو ڏيان، ڪنھن ڪيتي ڏليا،

عشق اصل کان انعام ڏنو تُو سچڙا آسانکي

رمزن سارا غلام ... ...

٢- نَس نَس ۾ ھنيو ميخ محبت جي،

لون لون ۾ تہ لغام وڌو تُو سچڙا آسانکي،

رمزن ... ...

٣- شاھہ نصير کي طلب اُوھانجي ... ...

ڪاٽڙا پيشڙا تہ حرام ڪيو تُو سچڙا آسانکي

رمزن ... .

ڏوهيڙا!

١- غم ته دنيا منجهه گهڻا، مگر عشق جو غم ٻيءَ طرح،
سور ڪي ٿي آهن ٻيا، مگر عشق جو غم ٻيءَ طرح.

* *

٢- زخم دل کي دلبرا، ڪين ڇٽن ٿا ري طبيب،
هنجون ليڙيون، هن جا ڦرڪا، هنجو مرهم ٻيءَ طرح

* *

٣- حسن وارا ڪيترا، مَٽ نه پائيان سڄڻ جي،
هن جون رمزون، هن جون غمزون ناز-دم دم ٻيءَ طرح

* *

٤- عشق وارن جي ٻرابر ناهي ماتم عام جو،
هن جون دانهون، هن جون آهون هنجو ساهه کڻڻ ٻيءَ طرح

* *

٥- ڪير دل قابو ڪري، دلبر ٻڌا هن دام ۾،
هنجو جادو، هنجون افسون، هنجو زلف-خم ٻيءَ طرح

ڪلام!

جنهن کي راتول رمز چکائي، سا دل ڪرندي ماهي ماهي.

١- عشق ماهي دا ڪيتا اُداسي، برهه لايان تن باهيان،
هير رانجهي دي لنو لنو لايان، ڏيندي ملڪ گنوايان،
ٻي هرڪا ماڻ پيءُ دي جائي، هير عشق دي جائي

٢- سهڻيءَ کي سِڪ ساهڙ جي، جيڪا گهر ۾ مول نه گهاري،
سرڪي پيتائين سوز سچي جي، وَلِ وَلِ پاڻ سنڀاري،
ٻڏندي ٻڏندي ميهر ڪيائين، اَڌ درياهه وچ آئي.

٣- ڏير نه مُٺيءَ سان ڏاڍ ڪري ويا، ڪرهل ڪيچ قطاري،
ڪاڻ پنهل جي پيرين پيادي، ڪاهل روز ڪوڪاري،
لڳيس بند بلوچيان واليان، قادر قلم وهائي ...

٤- ڪوٽ ۾ آڻي قيد ڪئي تو، ڪنهن ڏمر سان ڏوتياڻي،
جيڏي ملان شل مارن سان، صاحب ٿيندم ساٿي،
مرڪي ملڪ ملهايان شال، ڪير ڪنڌون گُڏ ڪائي

٥- ليلا لوڏي لاڏ ڪيو، جنهن هار تي وَرُ مٽايو،
مول منيءَ پنهنجي ماڻي، سو مل راڻا سنڀاريو،
پائي ميارون ڳچيءَ ڳاريون، راڻي روح نوائي.

٦- زليخا يوسف ڪاڻ جو ڳياڻي، جنهن روئي حال وڃايا،
عشق ليلان دي، مجنون الدر، پڙڪا برهه بچايا،
سوريءَ تي منصور مارايئي، گهٽ فڪر دي ڦاهي.

٧- سؤدا وڻج واپار گهڻا، هڪ عشق نه ملهه وڪائي،
ايسر عرض اهوئي آهي، جو دم دم روز ليلائي،
سر ڏئي سلطان ٿياسين، چارڻ تندري وڃائي.

ڏوهيڙا!

١- رانجهن گهوڙن گهايو، ٻنبڻين پيغام ٻہ،
پري هير هڻيس تير - ڪشي ڪمان ٻہ

*　　*

٢- گهڙي گهڙو همت ڪري، چيلهه ٻڌي چوٽو،
منهنجو من ميهار ڪي، پار وڃي پهتو،
گوتي ٻہ گولو، من کي محبت مهار جو.

*　　*

٣- ڏير مُٺيءَ سان ڏاڍ ڪيو- ڏار ڪيائون ڏاري
دردن جي ماري - پنهل لاءِ رڙندي ولي.

*　　*

٤- مُڙئي مُٺي جي هٿا، تن چِٺن قيريم چِٽُ،
هار ڪٽنديس هونءَ ٻہ، مونکي نِڀه ٿيندو نِتُ،
ڪونروڌ جو ڪرت، من ڪان ٿي مٺي ٿيو.

*　　*

٥- راڻا رهاڻيون، سوڍا وِنئي ساريان،
سهڻين سڀ اُلٿا، راتيون وهاڻيون.
ڪوڙين مون ڪاڻيون، پولا پکي آءُ تون.

*　　*

٦- جر تر تڪ نوار، وڻ ٽڻ واڻي هيڪڙي،
سيئي شيءِ ٿيا، سوريءَ سزاوار،
همه منصور هزار، ڪهڙا چاڙهيو چاڙهئين.

*　　*

٧- ڏاتار ءِ مڱڻي، ڪوڻ وسيلو وچ،
ساڻي تال ٽنڊن جي، سا ٿي چارڻ چت
جي هِتي جي همت، تہ ڳالهه مڙائي هيڪڙي.

گيت!

اَلا! مون ڏٺا وسرن سنڌ جا نظارا،
سکر ساڌ ٻيلو، سنڌوءَ جا ڪنارا.
١- حسين حيدرآباد، چنچل ڦليلي،
ڪراچي منهوڙو، ٻلان ڪيڏن ٻيلي،
اَکين آڏو آهن، سي پل پل پيارا - اَلا! مون ڏٺا...
٢- ڪڻڪون، چانهيون، کُنڀيون، ڪَتَلَ ۽ مِٺيرا،
اُهي ٻير ٻيرون ۽ ٻُوري ٻابورا،
پلا ڦارهان ڪيڏن، سي مٺڙا ۽ کارا - اَلا! مون ڏٺا...
٣- هو ڪونجن جون ڪيهون، هو مورن جون مستيون،
هوءَ ڪوئل جي ڪُو ڪُوءِ ٻيرن جي ٻِٽ ٻِٽ،
ڳٽيا کهڙا کهڙا، ٻڪيڙا سي پيارا - اَلا! مون ڏٺا ...
٤- مسيتون مندر سي، قُبا ۽ مڙهيون سي،
دَڙا ديوليون سي ٻِڙون، ڏيوڙهيون سي،
اَلڳ ڌرم هوندي، هُئا سنڌي سارا - اَلا! مون ڏٺا ...
(واسديو 'نرمل')

بيت! سنڌ ۽ سنڌي!

١- رهن راڄن ٻِن ۾، ڪي سنڌ ۾ ڪي هند،
مٽي هڪ ملڪ جي، جُڙيل آن جي جند،
سي ڇا ڄاڻن سنڌ، جيڪي هتي ڄميا،
٢- جيڪي هتي ڄميا، سي پڻ سنڌي سڏيا،
سنڌي ٿي ٻه سنڌ کي ڌرتي لاءِ سڪندا،
ڌارين وانگيان جڏهن سنڌ وڃي ڏسندا،
ماڻهو ائين چوندا ته سنڌي آيا سنڌ ڌرتي.

(ڪرشن 'راهي')

بيت! سنڌ ۽ سنڌي!

١- وطن جي لَءِ جان، گهوري ٻوءِ ٻه ٽوري
سنڌين جان نه گهوري، وطن گهوري آيا.

٢- وطن گهوري آيا، هاڻي رت روئن،
پنهنجا وري پُسَڻ لءِ تنهنجا نيڻ سڪن،
ٻيريون، ڪَکَڙُ ڪجيون، هِتِ ڳولهيندي نه ملن.
ماڻهو هِتِ ٻه ٽين، پر اَسانجا ڪي ٻيا هئا.

٣- اَسانجا ڪي ٻيا هئا، جن مان هئا نينهن،
اوسيڙا ڏي اُنهن جا رهن راتيان ڏينهن،
اکين سندا ميهن، مُند نه ڏسن مهل ڪا.

٤- مند نه ڏسن مهل ڪا اُلدر جون آنهون،
ملڪ موٽي وڃڻ جون بند ٽيون راهون،
سي دليون ڪن دانهون، وطن ويو جن هٿان.

٥- وطن ويو جن هٿان، ناهي تن آرام؛
ڪڏهن وسري ڪين ڪي، ڪڏهن ڪان پنهنجو گ
نديون هِتِ ٻه جام، پر سنڌوءَ جو ڪو ساهه ٽين

٦- سنڌوءَ جو ٽين ساهه، جو سنڌو پاڻي ماهه،
پنهنجا نيڻ پنهنجا، ڌارين کڙو ساءُ،
کڙو لڳو واءُ، هڪڙا هُتي ٻيا هتي.

٧- هڪڙا هُتي ٻيا هِتي، سنڌي ٽيا ٻيٺي،
پر هڪڙا سنڌي ڏيهي، ٻيا پرڏيهي،
ماڻهو هڪڙائي، پر رهن راڄن ٻنِ ۾.

غزل!

کٿڙ جا ڪونہ ها جيڪي سي ميخانا ڪٿي آهن
لُٽيندا دُنگہ ها جيڪي سي ديوانا ڪٿي آهن.

١- هيئنئر پيي مُئہ ملي تي پر ڪٿي سا مؤج مدهوشي،
اهي ساقي ڪٿي آهن، سي مستانا ڪٿي آهن.

٢- پيالا پُرُ ڪري اَج پي پِيون پَرَ پرين پيارا،
پيارڻ پاڻ تي جيڪي، سي پيمانا ڪٿي آهن.

٣- ڪٿي سا رات ساري جن سان ڳالهائي نہ ٿڪبو هو،
کٿڙ جا ڪونہ ها هرگز سي اَفسانا ڪٿي آهن.

۴- مِڙنِ ٿيون محفلون اَج پي، مگر ڪِٿ سي اهي ماڻهو،
جلي ٿي شمع اَج پي ليڪن اهي پروانا ڪٿي آهن.

٥- اهي رستا، اهي جڳهيون، اهي وڻ ٽڻ وڻا سڀ،
مگر جن ڪانسواءِ روشن ها ڪاشانا ڪٿي آهن.

٦- جواني اَج پي جهومي ٿي، مگر **دلگير** مجبوري،
اهي سهڻا ڪٿي ۽ سي صنم خانا ڪٿي آهن.

(هري دلگير)

گيت!

نه تون رهندين نه مان رهندس، نه رهندو ڪو،
وڙهون چا لاءِ!

فقط هڪ يار جو نالو
وڃي رهندو، وڙهون چا لاءِ!

١- محبت ڏي محبت وٺ، محبت ۾ مزو آهي،
اهو آهي دنيا ۾ سچو سؤدو، وڙهون چا لاءِ!

٢- نه ڪر ايمان تون ايڏو حياتيءَ جو بقاءُ ڪهڙو،
مٽيءَ جو هيءُ مڪان آهي، ڍهي پوندو،
وڙهون چا لاءِ!

٣- پريت پيءُ پريم جا پيالا،
دنيا جا غم وري ڇا جا
ڇڪي چاڙهج تنهن جنهن مان نشو خاصو،
وڙهون چا لاءِ

نه تون رهندين، نه مان رهندس،
نه رهندو ڪو، وڙهون چا لاءِ

(رڪمڻي چينائي

ڪلام!

جي فقيري چاهين تون، ڪر چار ڳالهيون سهي،
تن ٻروڙيو راز، جي اهڙي ويا رهڻي رهي.

١- **ف** ڪڍي فاقا فقيرن فرحتون حاصل ڪيون،
لامڪاني لاطمع ٿي، لاڀ ويا لعل لهي.

٢- **ق** ۾ آهي قناعت، پڙهه قناعت جو سبق،
قلب ۾ رکه قرب قائم، پاڪ ۾ ڏس پوءِ پُهي.

٣- **ي** يقينو ياد رکه، ويساهه نِتُ وڌندو رهي،
نه ته فقيريءَ جي عمارت پَلَ اَندر پوندي ڍهي.

٤- **ر** رياضت، روح ۾ راضي رضا تي رهه سدا،
راڳ سان ريجهاءِ راڻو، من پوي تو سان نهي.

٥- جيڪو هن معنيٰ کي سمجهي، سو اچي ميدان ۾،
آهي پنڌ سوڙو جو **روحل** مرد کي ويندا ڪهي.

* *

ڪلام!

آپ سڏائيندا فقير، تيهو لڄ نهين آوندي

- مانهن ليکي اَن لهين کاوندا، لِڪ لِڪ پيندا کير-ليهون...
- ايہا آپ اُنا نهين سگهندا، اوران ڏهندي ڏير-تيهو...
- راتيان سووي غفلت دي وِچ، ڏينهان پڏاوي پير-ليهون...
- شاهه حسن فقير سائين دا، نيڻين وهائيندا نير-ليهون لڄ.

ڏوهيڙا!

١- جي پاڻئين جوڳي ٿيان، ته سُڳنڌ سيوئي ڇڻُ
وڃي ڏرِ دوستن جي، نانگا ڪيمَ رِڻُ،
پُتِ لٽين جي پُڻُ، جن ٻُجهي نه ٻُجهيو.

* *

٢- جي پاڻئين جوڳي ٿيان، ته سَڱ سيئي ٽوڙ،
جي جاوا نه جاڻندا، جيءُ لِنئين سين جوڙ،
ته تون پهُچين ٽوڙ، محبت جي ميدان ۾.

* *

٣- جي پاڻئين جوڳي ٿيان، ته پِرَ گروءَ جي پارِ،
هَوائون هنگلاج ڏي، وڃندي سڀ وسارِ،
نانگا لاٿ نهارِ، **ساهي!** وڏيءَ سِڪ سين.

* *

٤- جي پاڻئين جوڳي ٿيان، ته طمع ڇڏِ تمامُ،
گولا جي گولن جا، تن جو ٿيءُ غلامُ،
صبر جي شمشير سان، ڪر ڪيهي کي قتلامُ،
ته نانگا! تنهنجو نامُ، لکجي لاهوتين ۾.

* *

٥- جي پاڻئين جوڳي ٿيان، ته ٿيءُ ڏروءَ جي ڏِسِ
ڏُکَ پاڻ کي ڏسِ، **ساهي!** وڏي سڪ سان

رِڻُ = رولڻ. پِرُ = آڳيان، ريت. هوائون = ٿوشدائون
ڪيهي = وير، ساڙ. ڏسِ = واٽ، مارڳ.

گيت!

آنڌيءَ ۾ جوت جڳائڻ وارا سنڌي!
مٽيءَ کي سون بڻائڻ وارا سنڌي!

١- شاهه، سچل، ساميءَ جي ورثي وارا،
نَسَ نَسَ ۾ جن جي وهي ٿي سنڌو ڌارا،
ٿا رهن مليرن ۾ ماروئڙا، جهر ۽ جهنگن ۾ جهانگيئڙا،
بر پٽ کي باغ بڻائڻ وارا سنڌي! آنڌيءَ ۾ ... ...

٢- پريم ڀاءُ ايڪي سان رهندا جڳ ۾،
محنت جو ڀاءُ ڀريل جن جي رڳ رڳ ۾.
سڀني سان پريم وڌائيندا- ڪجهه ڏيندا ۽ ڪجهه پائيندا،
سنسار ۾ پريم وڌائڻ وارا سنڌي! آنڌيءَ ۾ ... ...

٣- بنگال ۾ رهندا ۽ سکندا بنگالي،
ڪيرل ۾ رهندا ۽ سکندا مليالي،
گجرات ۾ سکندا گجراتي- تہ بہ اَمر سدا سنڌي جاتي،
سنڌيءَ سان نينهن نباهڻ وارا سنڌي! آنڌيءَ ۾ ...

٤- موهن جي دڙي جيان ڏٻجي اوچا رهندا،
طوفان زلزلا، سور ۽ سختيون سهندا،
هيموءَ جان ڦاسي کائيندا تہ بہ مرڪي ڳائيندا،
هي ڪڏهن ڪنڌ ڪپائڻ وارا سنڌي!
آنڌيءَ ۾ جوت جڳائڻ وارا سنڌي!

(موتي 'پرڪاش')

ڏوهيڙا!

١- هر فن ۾ آهن - سڀ هوشيار سنڌي
وفائيءَ جا پتلا وفادار سنڌي
* *

٢- دنيا ڀر جي ديسن ۾ سنڌين جا ديرا،
ڏيساور لنڊن ۾ ۽ برلن ۾ ڏيرا،
جپان چين جاوا يا جرمن جاڪرتا،
واپاري ٻٽي ڪن ٿا وهنوار سنڌي -
هو ڌنڌي ۾ آهن خبردار سنڌي!
* *

٣- پياسن کي پاڻي پيارن ٿا سنڌي،
جدا جيءَ ڪيئي جيارن ٿا سنڌي،
ڌرم شالا مندر اسپتالون ٻڌائن ٿا سنڌي،
لٽي گهر کي ميلا لڳائين ٿا سنڌي.
اهي ڪن ٿا ڏن رات اپڪار سنڌي
غريبن جا آهن مددگار سنڌي!
* *

٤- ڀراون کي ڀيڻجو ٻڌائين ٿا سنڌي،
سنگت لوڙ ٿائين نباهين ٿا سنڌي،
ڀيڻجا سور دل ۾ سمائين ٿا سنڌي،
نه ٻئي کي ڪهڙي ٻولي ٻڌائين ٿا سنڌي
ٻچو چا ٿا سڀ غم خار سنڌي،
سدا خوش گذارن ٿا غم خار سنڌي!

(ماسٽر چ

کلام!

ڏيندو اميري يا فقيري آخر ڪجهه ته ڏيندو،
اَسانکي ڪرڻو آ، اَسانکي ڪرڻو آ گذارو
آخر ڪجهه ته ڏيندو.. ... ...

١- وڳا يا ويسَ ڏيندو، ڪمبل يا کيسُ ڏيندو،
ڏيندو لنگوٽي يا ٻنگوٽي آخرِ ڪجهه ته ڏيندو.

٢- ٿالهيون يا ٿالهه ڏيندو، ٺِڪَر جا ٿانوَ ڏيندو،
ڏيندو ڪٽورو يا ڪٽوري، آخر ڪجهه ته ڏيندو.

٣- ديس پرديس ڏيندو، ڇپر يا ڇانوَ ڏيندو،
ڏيندو سمهڻ لاءِ ترڙي، آخر ڪجهه ته ڏيندو.

٤- ڌُڌَ يا کير ڏيندو، منهون يا مال ڏيندو،
جهولن ۾ جام ڏيندو، ٻُچَنِ ۾ لعل ڏيندو،
ڏيندو ٻوٻو يا دال، آخر ڪجهه ته ڏيندو.
اسانکي ڪرڻو آ، اَسانکي ڪرڻو آ گذارو
آخر ڪجهه ته ڏيندو... ... ...
ڏيندو اَميري يا فقيري ... ...

ڏوهيڙا!

خوشي ڏيندين ته خوش رهبو،
جي غم ڏيندين ته پيو سهبو،
مونکي جيئن تون هلائيندين،
تنهنجي مرضيءَ لي پيو هلبو.

١- تون آهين شاهه بي پرواهه،
گدا توکان پيو گهرندو،
جي ڏيندين تون ته پيو وٺبو،
نه ڏيندين مات ۾ رهبو.

* *

٢- ڀلا ڪمزور جو ڇا زور،
تنهنجي زور سان هلندو،
تنهنجيءَ طاقت اڳيان جهڪبو،
نڪي ڪڇبو نڪي پڇبو.

* *

٣- مان آهيان تنهنجو، تون آهين منهنجو،
دکي رهندس گلا تنهنجي،
زمانو لوکي پيو چوندو،
ڇا ڪنهنجي وات کي جهلبو.

* *

٤- ٻين کي پئي نوازين تون،
ضيا تي پئي نوازش ڪر،
ڪندين ڪرپا ته دنيا ۾،
هميشه ڪنڌ کڻي هلبو.

ڀڄن !

سُک سَديو جي لاءِ ملي تو ستسنگ مان.

١- دنيا جا سک دم پل وارا، سي ٻه ڏکن سان ڀريل - ارا،
آنند جاءِ ٻجاءِ ملي تو ستسنگ مان - سُک ..

٢- لال امول ملي ستسنگ مان، ساڙ ڪڍي وڃ ٻلي جهر جهنگ مان،
ساڙي جنهن نه باهه، ملي تو ستسنگ مان سُک

٣- ستسنگ مان جنهن پيتو امرت، امر ٿيو ٿي ويو ترپت،
اوناسي پَدُ پاءِ، ملي تو ستسنگ مان - سُک ... ..

٤- ستسنگ مهما اپر اپارا، چئي سگهن نا وید وچارا،
اکنڊ پدارٿ پاءِ، ملي تو ستسنگ مان - سُک... ...

٥- چاهه هجيئي جوتون ٻه **گرذاري**، مل ستگر سان ڪر نيزاري،
ٻي نه اٿيئي ڪا جاءِ، ملي تو ستسنگ مان - سک...

* *

سنتن جا جن سنگ ڪيا، سي سڌري سڀ گهه ويا ويا.

١- سنگ سنتن جو چندن آهي، ٻير ٻٻرَ کي چندن ٺائي،
خوشبوءِ آب هوا هوا - سنتن جا ... ...

٢- سنگ سنتن جو پارس آهي، لوهي کي تو سون بڻائي،
زيور جام ٺهيا ٺهيا - سنتن جا .. ..

٣- سنگ سنتن جو گنگا آهي، پاپي ٻڏي جيڪو نهائي،
پاپ تنهن جا ويا ويا - سنتن جا... ... ...

٤- سنگ سنتن جو جڻ آهي ڪيڙو،
ننهي لوڪن کان مٿي چڙهي ويڙو،
ويندن واڪ چيا چيا - سنتن جا ... ...

(ماتا)

سلوڪ!

١- وڏي وڏيائي، **سامي** آهي ساڌ سنگت جي،
نيچ اوچ ٿيا ڪيترا ڪري ڪمائي،
ڀيل، چمار، جُلاها، ٻيارا نائي،
جنهن لنوَ لائي، سي سڀئي سُڌريا.

* *

٢- سا پُرسن جو سَنگ، سيتل ڪري تو سڀ ڪي،
ميٺي ڏِئي مستڪ تانِ ورڌالا جو انگ،
سامي سي سِربنگ، ورتن وِڌ وِيچار سان.

* *

٣- ٻيو سَڀُ ڏِٺئي ٻن، ڪَجي سَنگ سنتن جو،
جي آئي ڪي آدر سان پُرچي پنهنجو ڪن.
ذات وَرنَ ڪُل ڪَرمَ ڏي **سامي** ڪين ڏِسن،
ڏڏي گُڏ ڇڏين، **سامي** سُتهِ شُڌ سروپ سان.

* *

٤- ستسنگ ڪا سُڌريا پلا جسي ڪاغذ نات ڪا،
رَجَبَ گر پرساد تي، مِٽيا انگ الات ڪا.

* *

٥- ايڪ گهڙي، آڌي گهڙي، آڌيءَ تي پُن آڌ،
تلسي سنگت ساڌ ڪي، ڪٽي ڪوٽ اپراڌ.

* *

٦- جو آوي ستسنگ ۾، تاڪي ڪارج هوءِ،
سندر سُهجي پرم ڦٽي، وگهن نه لاڳي ڪوءِ.

ٻيا شايع ڪيل ڪتاب....

ساهڙ لهڄ سنڀار (سنڌي ڪلام) - ختم ٿيل

پوءِ پروڙيم پنڌ (سنڌي ڪلام) - ختم ٿيل

جيئري لاهه زنجير (سنڌي ڪلام) - ختم ٿيل

رکه جهولڻ ٿي (سنڌي گيت ۽ ڪلام) - ختم ٿيل

جلد ظاهر ٿي رهيو آهي ...

آءُ اڪيلي

پارو چاولا جو لکيل شعرن ۽ گيتن جو

اَصلوڪو ڪتاب

مهاڳ:- شيخ اياز



MODELLA CREATES EXCELLENCE
IN YOUR KITCHEN
MODELLA ®
• Free Home Services
• 3 Stainless Steel Jars
• 600 Watts Heavy Duty Motor
• Double Lock System
Only WATER FILTER
With
DOUBLE POWER
CARBON CANDLE.
MODELLA ®
Our Other Products
• Super Pressure Cooker • Deluxe Cooker • Pressure Pan
• Kitchen Knife • Snack Toaster • Electric Sandwich Toaster
• Electronic Gas Lighter • Mixer & Grinder.
MA MODELLA® APPLIANCES
G 79, Sarvodaya Nagar, 1st Panjrapole Lane Bombay 400 004.
Tel.: 371 3557, 375 0518. Fax: 022 92 3436831.

CHUND SINDHI KALAM AIN DOHIRA

SINDHI POETRIES COMPILED BY **PARU CHAWLA**



پارو چاولا

مان سمجهان ٿي هن نموني جي ڏوهيڙن ۽ ڪلامن جي رڻا تي شايد هي پهريون ئي ڪتاب، هند ۽ سنڌ ۾ ڇپيل آهي.

هيتري محنت ۽ لڳن سان ڪم ڪرڻ لاءِ پارو چاولا گهڻي داد جي لائق آهي.

اُميد ئي نه بلڪ پڪ آهي ته ڳائيندڙ هي ڪتاب حاصل ڪري پارو چاولا جا ڳڻ ڳائيندا ۽ سنڌس ٿورا مڃيندا.

-پوپٽي رامچند هيراننداڻي